
ٻيو ڇاپو
سارا شگفته
[سوانح عمري]
مترجم: احسان آڪاش

# سارا شگفتہ

(سوانح عمري)

مترجم:

احسان آڪاش

ڊجيٽل ايڊيشن

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

2024ع

Book **No: 44**

- ڪتاب: سارا شگفتہ
- موضوع: (سوانح عمري)
- مصنف: امرتا پريتم
- مترجم: احسان آڪاش
- ڇاپو: (پهريون) جنوري 2024ع
- تعداد: 500
- ڪمپوزنگ اينڊ ٽائيٽل : احسان آڪاش

---

@ڇاپيندڙ:

احساس پبليڪيشن - حيدرآباد

**03100934500**

مُلهه : 300 روپيه

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**www.sindhsalamat.com**

2024ع

## سنڌسلامت پاران:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران نظم جي خوبصورت شاعره سارا شگفتہ جي سوانح عُمريءَ تي امرتا پريتم جي لکيل ڪتاب ”ايڪ ٿي سارا“ جو سنڌي ترجمو ”سارا شگفتہ“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون، جنهن جو سنڌيڪار احسان آڪاش آهي.

هن ڪتاب ۾ امرتا پريتم کي سارا شگفتہ جيڪي خط لکيا هئا، انهن خطن ۾ هن پنهنجي زندگيءَ جي سموري ڪٿا امرتا پريتم کي لکي موڪلي هئي. امرتا پريتم جيئڻ جو تيئڻ سارا شگفتہ جي خطن مان سمورو مواد گڏ ڪري هڪ ڪتاب ”ايڪ تهي سارا“ جي نالي سان ڇپائي ورتا. هن ڪتاب ۾ سارا شگفتہ جي، سندس زباني ”آپ بيتي“ بيان ڪيل آهي. جنهن ۾ سارا شگفتہ جي زندگي سان وابستہ واقعن، قصن، يادگيرين ۽ خطن کي هن ڪتاب ۾ مختصر پر جامع مواد اوهان تائين پهچائڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي وئي آهي. 27/ 28 سالن جي ڦوهہ جوانيءَ ۾ نہ ڄاڻ الائي ڪيترين ئي تڪليفون، درد، ڏک، سُور سهندي هوءَ ريل جي پٽڙيءَ تي خودڪشي ڪري وڃي آرامي ٿي.

هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو احساس پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2024ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون احسان آڪاش جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ترتيب


پنهنجي پاران: 06

**باب پهريون:**

- سارا شگفتہ جو تعارف (احسان آڪاش) 09
- سارا شگفتہ جون ٻي ترتيب شاديون 11
- سارا شگفتہ جو اولاد 13

**باب ٻيو:**

- سارا شگفتہ جي زندگي جا اذيت ڀريل ۽ تشدد جا قصا 14
- سارا شگفتہ کي مليل طلاقن جا واقعا 24
- سارا شگفتہ جي حق ۾ ڪورٽ جو فيصلو 29

**باب ٽيون:**

- سارا شگفتہ جو ادب ۾ پير پائڻ 30
- سارا شگفتہ جا اديبن ڏانهن لکيل خط 31
- هڪ هئي سارا، هڪ هيو سعيد 37
- سارا شگفتہ جي امرتا پريتم سان پهرين ملاقات 45
- سارا شگفتہ جا امرتا پريتم ڏانهن لکيل خط 47

**باب چوٿون:**

- شاعر 69
- سارا شگفتہ جا چونڊ نظم 71
- سارا شگفتہ جي خودڪشي 84
- بوڪ شيلف 88

## پنهنجي پاران:

منهنجو نالو احسان آڪاش آهي. ۽ مان هن ڪتاب جو ترجمي نگار آهيان. هي منهنجو ترجمي جي حوالي سان پهريون پورهيو آهي. اوهان مانوارن جي طرفان موٽ ملڻ جي ڪري هن ڪتاب جو هي ٻيو ايڊيشن اوهان پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن جنوري 2023ع ۾ سقلتا پبليڪيشن پاران شايع ڪيو ويو هو. مون سعادت حسن منٽو جون ڪجهہ ڪهاڻيون ۽ ڪجهہ ٻيو مواد مان ترجما ڪري چڪو آهيان، جيڪي مختلف رسالن ۽ مئگزين جي زينت بڻيا آهن.

2017ع کان 2023ع تائين منهنجا ڪُل 10 ڪتاب شايع ٿي چُڪا آهن. جنهن ۾ شاعريءَ جي موضوع تي منهنجا مرتب ڪيل 5 ڪتاب (شاعري جو آڪاش، صحرا منجهہ صدا، ننڊ جا نيڻ، نظمن جو ديس ۽ هڪ اردو گڏيل شاعري جو ڪتاب عڪسِ جانان هم) ۽ ڪهاڻي جي موضوع تي مرتب ڪيل 3 ڪتاب (سپنن جو پڌر، احساس نگر، آڪاش منهنجي پُڪ ۾) شايع ٿي چُڪا آهن. ان کان علاوه منهنجو هڪ ٻيو ڪتاب (پيچ ڊاهہ) جيڪو نثراڻن احساسن تي مشتمل آهي، ۽ تازو شايع ٿيندڙ ڪتاب ”جسم فروشي جي تاريخ“ شاد پبليڪيشن طرفان شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ امرتا پريتم کي سارا شگفتہ جيڪي خط لکيا هئا، انهن خطن ۾ هن پنهنجي زندگي جي سموري ڪَٿا امرتا پريتم کي لکي موڪلي هئي. امرتا پريتم جيئن جو تيئن سارا شگفتہ جي خطن مان سمورو مواد گڏ ڪري هڪ ڪتاب ”ايڪ ٿهي سارا“ جي نالي سان ڇپائي ورتا. هن ڪتاب ۾ سارا شگفتہ جي، سندس زباني ”آپ بيتي“ بيان ڪيل آهي. جنهن ۾ سارا شگفتہ جي زندگي سان وابستہ واقعن، قصن، يادگيرين ۽ خطن کي هن ڪتاب ۾ مختصر پر جامع مواد اوهان تائين پهچائڻ جي هڪ ڪوشش ڪئي آهي. 27/ 28 سالن جي ڦوهہ جواني ۾ نہ ڄاڻ الائي ڪيترين

ئي تڪليفون، درد، ڏُک، سُور سهندي هوءَ ريل جي پٽڙي تي وڃي آرامي ٿي. هُن زندگي کان ڇا گُهريو هو؟ ۽ موت ۾ زندگي هُن جي جهول ۾ نہ کُٽندڙ دردن جا باب اُڇلائي ڏنا. سارا پنهنجي زندگي ۾ اهڙا شاهڪار ۽ جرئت مندانہ نظم لکي وئي، جيڪي اڄ تائين ڪير ناهي لکي سگهيو.... اهڙي جرئت ۽ دليرمندانہ تخليق صرف سارا وٽ ئي هئي... اچو تہ ٿورو وقت ڪيڏي سارا کي پڙهون!

عورت ڪڏهن شهيد ناهي ٿيندي،
تون ڪهڙي نماز پئي پڙهين....؟

–

تون ڏيڄ مان ٻار ڄڻين ٿي
ان لاءِ تنهنجي ڪا نسل ناهي.

–

مان ماءُ بڻجڻ ڪانپوءِ بہ ڪنواري آهيان
۽ هاڻي منهنجي ماءُ بہ ڪنوار اي آهي.

–

مان پنهنجي ٻاهہ ۾ هڪ چنڊ
رکان ٿي ۽ ننگي اکين سان
مرد ڪمايان ٿي پر
منهنجي رات مون کان اڳ
جاڳي پئي آهي.

–

مان جسم کان علاوہ بہ
شعر لکندي آهيان
شهوت زدہ جذهن مون کي
داد ڏيندا آهن تہ منهنجا

گناھہ پري پوندا آھن.
مان صدين جي ماءُ آھيان
منھنجي رات ۾ داغ
صرف چنڊ جو آھي.

–

دعا جيڪڏھن زھر ٿي پوي تہ
خدا وٽ پُٽ پيدا ٿيندو آھي.

–

مان عبادت جي غار نہ
انسان چاھيان ٿي ۽
تلاوت جي لاءِ انساني صحيفو!

اھڙي ھئي سارا شگفتہ... ھڪ تمام حساس شاعره جنھن ڪي عزت، مان ڏيڻ ۽ سمجھڻ بجاءِ سماج ان سان سمھڻ ڪي پسند ڪيو. ھر پيو ماڻھو انھيءَ انتظار ۾ ھيو تہ منھنجو وارو ڪڏھن ٿو اچي...!؟

مان احساس پبليڪيشن حيدرآباد وارن جو ٿورائتو آھيان، جنھن منھنجي ھن پورھيئي کي مانُ ڏيندي پنھنجي اداري مان ڪتاب شايع ڪري اوھان تائين پھچايو... انھيءَ اميد سان تہ پڙھندڙ ان کي ضرور موٽ ڏيندا. ڪتاب پڙھي ڪري پنھنجي راءِ کان ضرور آگاھہ ڪندا.

دعاگو
**احسان آڪاش**
خدا جي بستي ـ ڪوٽڙي / ڄامشورو
**03100934500**

## باب پهريون

# سارا شفگتہ جو تعارف

(احسان آڪاش)

نظم جي دنيا جي اهڙي شاعره جيڪا زندگي سان وڙهندي وڙهندي پنهنجي حياتي جو ڏيئو هميشہ جي لاءِ اجهائي ڇڏيو. هن ڄاڻي ورتو هيو تہ ”عورت ڪڏهن شهيد ناهي ٿيندي“ تڏهن ئي تہ هُن پنهنجي لاءِ جيڪا راھہ چونڊي هئي، اها شريعت ۾ حرام راھہ هئي، پر سارا جي مذهب ۾ اها راھہ ئي حلال هئي.

هي سماج هڪ اڪيلي عورت لاءِ ڪيترو ڀيانڪ ۽ وحشي آهي ان جو اندازو ۽ حقيقي تصوير سارا شگفتہ جي هن زندگي نامي ۾ محفوظ آهي. بظاهر مذهب نظر ايندڙ ماڻهو هڪ اڪيلي ۽ تنها عورت جي معاملي ۾ اندر ۾ سوئر ۽ ڪتو آهي، جيڪو صرف ماس پٽڻ ۽ ڪائڻ ڄاڻي ٿو. اهڙن مردن جي تشريح سارا پنهنجي نظمن ۾ ڪري وئي آهي، تنهن ڪري ئي هن جي نظمن تي اگهاڙپ جي ڇاپ لڳي وئي هئي، ۽ هُن جي لاءِ مشهور ڪيو ويو هيو تہ ”هوءَ هر ڪنهن سان سمهي پوندي آهي.“ پر حقيقت ان جي ابتڙ هئي، ڪير بہ پنهنجي ڪتي جهڙي شڪل ڏسڻ لاءِ تيار نہ هيو. اهڙن واقعن ۽ الزامن کان تنگ اچي ڪري نيٺ هڪ دفعي سارا ڇئي ويني هئي تہ (هي ڪنجر هٿ اچا ڪيترو مون کي ذليل ڪندا...؟)

سارا شگفتہ جو جنم 13 آڪٽوبر، 1954ع بروز اڱارو، گوجرانوالا ۾ ٿيو. هوءَ جڏهن انين ڪلاس جي شاگردياڻي هئي تہ هُن جي شادي هڪ ڄٽ سان ڪرائي وئي. انهيءَ ڄٽ شخص سارا سان صرف سمهڻ ئي ڄاڻي سگهيو هيو، باقي جي زندگي حيوانن جيان سلوڪ ڪندو رهيو. سندس حياتي ۾ هڪ

ڪتاب نظمن تي مشتمل هيو، اهو شايع ٿيو هيو. ڪسمپرسي اهڙي جو جڏهن ڪتاب شايع ٿيو هيو تہ هوءَ چرين جي اسپتال ۾ زيرِ علاج هئي، اليڪٽرڪ شاڪ جي ذريعي علاج هلندڙ هو، هڪ ڊاڪٽر هن جو ڪتاب هٿ ۾ کڻي هن کي مبارڪباد ڏني هئي تہ ”ڏس تنهنجو ڪتاب شايع ٿيو آهي، هاڻي تون ملڪ جي وڏي شاعره ٿي وئي آهين“

هن لکڻ جي شروعات پنهنجي پهرين ٻار جي ضايع ٿيڻ ڪانپوءِ ڪئي. ۽ اهڙي ريت هوءَ اردو ادب ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام حاصل ڪيو. پر هُن جي شهرت ۽ عزت هن جي پنهنجن عزيزن کان سَني نہ ٿي، جنهن ڪري هوءَ اڪثر پنهنجن عزيزن کان الڳ ٿلڳ هڪ ڪرائي جي گهر ۾ اڪيلي رهندي هئي.

سارا پنهنجي زندگي جا 15 سال صرف تشدد برداشت ڪيو، ۽ باقي جا 5 سال هوءَ بيمار رهي، 2 سال مسلسل ذهني مريض طور هُن جي سڃاڻپ ٿي. بعد ۾ صرف هڪ سال سيعد سان گڏ هُن پنهنجي زندگي ۾ خوشگوار احساس محسوس ڪيو، ۽ 5/4 جون 1984ع تي هُن ٽرين جي هيٺيان اچي ڪري خودڪشي ڪري ڇڏي.

# سارا شگفته جون بي ترتيب شاديون

## پهرين شادي:

مان 14هين سال ۾ گهونگهٽ واري ٿيس، ۽ ٽن سالن جي مشقت سان ٽي ٻار ڄڻيم.... ”گهر واري ڇا هيس؟ صرف اجازت هيس، پهريان ماءُ جي اجازت سان هڪ روپيو اڌارو گهرندي هيس، ۽ هاڻي مڙس جي اجازت سان هڪ روپيو خرچ ڪندي آهيان.“

منهنجو مڙس هڪ جاهل ۽ اوباش هيو. جاهل ايترو هيو جو ڳالهه ڳالهه تي مار ڪٽڻ شروع ٿي ويندو هيو. ايتري مار ڏيندو هيو جو جسم تي نيرا داغ ٿي ويندا هيا. جڏهن چاهي جانورن جيان همبستري ڪندو هيو. خير اهيا ڪا وڏي ڳالهه نه هئي، اسان وٽ مڙس ايئن ئي هوندا آهن، مان پنهنجي سبزي مان پائي پائي گڏ ڪري نائين جماعت جا ڪتاب خريد ڪري ورتا ۽ پڙهڻ شروع ڪيا. نائين جماعت پاس ڪيم ته مڙس جي مار جي باوجود فيملي پلاننگ ۾ نوڪري ڪيم. هاڻي گهر ڪي ڏسندي هيس، نوڪري ڪندي هيس، ٻارن ڪي ڏسندي هيس، ٻارن ڪي سمهاري ڪري، مڙس ڪي راضي ڪندي هيس ۽ رات جو ميٽرڪ جي تياري ڪندي هيس.

## ٻي شادي:

هڪ شاعر مون سان گڏ فيملي پلاننگ ڪندو هو، مان ڏاڍي بانماز هوندي هيس، گهر ڪان آفيس تائين جو رستو وڏي مشڪل سان ياد ڪيو هوم. هڪ ڏينهن ان شاعر صاحب چيو: ”مون ڪي توهان سان ضروري ڳالهه ڪرڻي آهي.“

اسان جي هڪ ريسٽورنٽ ۾ ملاقات ٿي. ان چيو: ”شادي ڪنديءَ؟“

ٻي ملاقات ۾ شادي طئي ٿي وئي. هاڻي قاضي جي لاءِ پيسا ڪونه هئا.

مون چيو: ”اڌ فيس تون قرض وٺ اڌ مان ٿي وٺان.... جيئن ته منهنجي گهر وارا شريڪ نه ٿيندا سو منهنجي طرف ڪان گواهه به وٺيون اچجانءِ“

هڪ دوست ڪان مون اڌارا ڪپڙا ورتا ۽ مقرر جڳهہ تي پهچي ويس. ۽ نڪاح ٿي ويو. قاضي صاحب فيس ڪان علاوه مٺائي جو ڏيو بہ گهرائي ورتو تہ اسان وٽ ڪل ڇهہ روپيہ بچيا. باقي جهوپڙي تائين پڳاسين تہ 2 روپيہ بچيا.

مان لالٽين جي روشني ۾ گهونگهٽ ۾ ويٺي هيس.....

شاعر چيو: ”بہ روپيہ اٿئي؟ ٻاهر منهنجا دوست ڪرايي جي بغير ويٺا آهن“

مون بہ روپيہ ڏئي ڇڏيا.

ان چيو: ”اسان وٽ گهرواري نوڪري ناهي ڪندي“

نوڪري مان بہ هٿ ڪڻڻا پيا.

گهر ۾ روز تعليم يافتہ شاعر ۽ نقاد ايندا هئا ۽ ادب تي ڳالهائيندا هئا. منهنجي خمير ۾ علم جي وحشت تہ هئي، پر ان جي باوجود بُک برداشت نہ ٿيندي هئي. هر روز گهر ۾ فلسفو پچڻ لڳو ۽ اسان اهو فلسفو کائيندا هياسين. هڪ ڏينهن جهوپڙي مان بہ ڪڍيا وياسين. اها بہ پرائي هئي. هڪ اڌ گهر ڪرائي تي ورتو. مان هيٺ فرش تي چادر تي ليٽي ڪري تارا ڳڻيندي هيس ۽ پنهنجي جهل جو اڪثر شڪار ٿيندي هيس.

## ٻين شادي:

هاڻي پيو شاعر منهنجي پويان هو تہ منهنجي وجهہ جي ڪري توکي طلاق ٿي.... مون سان شادي ڪر نہ تہ مان خودڪشي ڪري ڇڏيندس....

مون چيو : ”هي سڀ مڪر آهن..... ڪوڙ آهن..... وڃ .... وڃي ڪري پنهنجو ڪم ڪر.“

هاڻي هو منهنجي فليٽ جي هيٺيان ڪيئي پهر اس تي ويٺو رهندو هو. ۽ شهر جي معزز ماڻهن وٽ وڃي ڪري چوندو هو منهنجي هن سان شادي ڪرايو.... ڇهہ مهينا گذري ويا، پڙهڻ ۾ اهيو ايندو هو تہ اڄ هو فلاڻي وٽ ويو، فلاڻي وٽ ويو، ۽ ڏاڍو روئندو رهيو..... پوءِ هڪ ڏينهن مون هن کي گهرايو ۽ هن کي ڏاڍو سمجهايو تہ هاڻي منهنجي شادي ڪرڻ جو ڪو ارادو ڪونهي.“

پر هو ڪو نہ مُڙيو..... مون هن کي ايترو بہ چيو تہ : جيڪڏهن مون کي چاهين ٿو تہ پوءِ شادي جي ڪهڙي ضرورت آهي“

پر هو نہ مُڙيو پنهنجي ڳالهہ تي بيٺو رهيو.

هڪ ڏينهن مون هن کان پڇيو: ”ڇا تون صرف شادي ڪرڻ چاهين ٿو؟“

هن چيو: ”ها.....“

تہ مون چيو: وڃ وڃي ڪري ڪارڊ ڇپائي ۽ سڄي شهر ۾ ورهائي، سپاٽي نہ پرين ڄڃ وٺي اچ“ ــــــ شادي ٿي وئي........

## چوٿين شادي:

منهنجي دل شادي ڪرڻ کان پرجي وئي هئي، دل تي ۽ روح تي جيڪي زخم هيا، اهي اجا پرجي نہ سگهيا هئا، بيماري ۾ ڪافي حالت خراب ٿي وئي هئي، پر هاڻي ڪجهہ بهتري محسوس ڪري رهي هئم، پنهنجي ماءُ کي لڪي لڪي آهون ڀريندي ڏسندي هئم، ۽ هڪ ڏينهن منهنجي ماءُ هڪ رشتو ڪٺي آئي ۽ چيائين: ”مون کي ذلت کان بچاءِ وٺ ڌيءُ، ها چئي وٺ! مڃان ٿي تہ ڇوڪرو بدصورت آهي، پڙهيل لکيل ناهي، پر ايترن پڙهيل لکيلن بہ توکي ڇا ڏنو؟ هي رشتو تنهنجي لاءِ نيڪ رهندو؟“ مون خاموشي ۾ ”ها“ ڪري ڇڏي. ۽ ايئن منهنجي چوٿين شادي ٿي وئي....

## سارا شگفتہ جو اولاد:

سارا شگفتہ پنهنجي زندگي ۾ ڪُل چار شاديون ڪيون، جيڪي بُري طرح ناڪام ويون. انهن شادين مان سارا شگفتہ کي صرف پهرين شادي ۾ 3 ٻار ٿيا هئا. ٻئي مڙس مان پُٽ جو اولاد ٿيو، جيڪو ڪجهہ گهڙين بعد وفات ڪري ويو. ان بعد ٽئين مڙس مان جيڪو حمل ٿيو، سارا اهو ٻارڻ ضايع ڪرائي ڇڏيو. چوٿين مڙس مان ڪو بہ اولاد نہ ٿي سگهيو.

اهڙي طرح سارا جي اولاد جي حوالي سان صرف 3 ٻارن جو حوالو ملي ٿو.

باب پيو

# سارا شگفتہ جي زندگي جا
# اذيت ڀريا ۽ تشدد جا قصا

## پهريون قصو:

جڏهن هو پهريون ڀيرو مون کان منهنجا ٻار کسي ويو هو تہ مان حد کان وڏيڪ پريشان ٿي وئي هيس. مان اڪيلي ميانوالي پهتم. اڻڄاڻ رستا، عجيب طرح جا ماڻهو، ۽ وڏي ڳالهہ تہ مون وٽ منهنجي مڙس جي ايڊريس بہ نہ هئي، بس ايتري خبر هئي تہ هو ٻئراج جي ويجهو ڪٿي رهي ٿو. مان ٻئراج جي ڪناري پهچي چيم: ”اي ٻئراج! تون تہ مون سان گڏ آهين نہ؟ اڄ تون منهنجي لاءِ دعا ڪجانءِ، اڄ مان ڪا بہ دعا نہ گهرنديس ڇو تہ مائرون دعائن کان وڏيون هونديون آهن.“

وڏي مشڪلن سان آخرڪار مون کي منهنجي مڙس جو گهر ملي ويو. مون دروازو کڙڪايو تہ اندران منهنجو مڙس نڪري آيو.

”ڪُتي! تون هتي بہ پهچي وئين؟“

مون وراڻيو: ”ها يزيد! مان هتي بہ پهچي وئي آهيان.“

”ڇا لاءِ آئي آهين؟“

”مون کي منهنجو حق مهر ڏي ۽ منهنجا ٻار مون کي واپس ڪر“

”تون ان قابل ڪٿي آهين تہ توکي حق مهر ادا ڪيو وڃي ۽ ٻار تہ توکي ڏسڻ جو بہ حق نہ ڏيندس“

مون چيو: ”اڇا! مان پنهنجو حق مهر ۽ ٻار توکان وٺي رهنديس، مان وري واپس ايندس“

رات گهٽي ٿي وئي هئي، رهڻ جي لاءِ ڪا جڳهہ بہ نہ هئي، اتفاق سان هڪ آخري بس ملي وئي، انهيءَ ۾ سوار ٿي ويس ڇو تہ ميانوالي ۾ نہ ڪو رڪشو وغيره

هلندو هيو نہ ئي ٻي ڪا سواري. رستي تي بس خراب ٿي وئي. بس ۾ صرف مان اڪيلي عورت هيس. مان سوچڻ لڳس "هاڻي مان ڪيڏانهن وڃان؟" مٿان اوچتو برسات بہ شروع ٿي وئي هئي. جتي بس خراب ٿي هئي اهو هڪ ڳوٺ هيو. مان بس مان هيٺ لٿم تہ مون کي هڪ مزدور ڏسڻ ۾ آيو، مون ان کي سڏ ڪيو ۽ چيو: "هتي ڪا ويجهو ريلوي اسٽيشن آهي؟"

ان چيو: "اهو تہ هتان کان گهٽ ۾ گهٽ 3 ميل پري آهي."

مون چيو: "مان توکي 50 روپيہ ڏيندس، مون کي اسٽيشن تائين ڇڏي اچ"

ان شخص حيرت مان چيو: "تون شهري ڇوڪري ايترو پري پنڌ ڪري سگهندينءَ؟"

مون چيو: "ها"

۽ پوءِ اسان هلندا هلندا اسٽيشن تائين پهچي وياسين. اسٽيشن تي هر طرف خاموشي هئي. ڪير بہ نہ هيو. ۽ اهيا خبر پئي گرم هئي تہ "هن علائقي ۾ ڏينهن ڏٺي ماڻهو عورتن کي ڪٽي ويندا آهن ۽ 500 جي ڪري انسان کي قتل بہ ڪري ڇڏيندا آهن. مان ريلوي اسٽيشن جي ريسٽ هائوس ۾ هلي ويس ۽ اندران ڪُنڊي لڳائي ڇڏي. مون کي ڪو خوف محسوس نہ ٿيو، مون پنهنجا ڪاغذ ڪڍيا ۽ لکڻ شروع ڪري ڏنم.

ڪراچي پهچي ڪري سڀ کان پهرين ان جڳهہ طرف ويم جيڪو منهنجو مڙس حق مهر ۾ منهنجي حوالي ڪري ويو هيو، انهيءَ گهر ۾ ڪرائيدار رهندا هيا. وڏي مشڪلن سان اهو گهر خالي ڪرائي، ۽ هڪ لک روپين ۾ وڪرو ڪيم. پيسا بيگ ۾ رکي وري ميانوالي جي هوائي ٽڪيٽ ڪٽرايم. هوائي جهاز ۾ ڪُل ڏيڍ ڪلاڪ لڳو. ميانوالي وڃي پهتم. دروازو کڙڪايم تہ وري مڙس نڪري آيو ۽ چيائين: "اندر اچ"

مون چيو: "يزيد! مان توکان پيٽ تي حق مهر حاصل ڪري ورتو آهي، تنهنجو گهر وڪڻي آئي آهيان."

گهر جي اندر بہ ماڻهو ويا بہ هيا. هن چيو: "رقم ڪتي آهي؟"

مون چيو: ”سودو ڪر مونسان، رقم وٺ ۽ ٻار ڏي“

هن چيو: ”اهيا تنهنجي ڀُل آهي، شرافت سان رقم منهنجي حوالي ڪري ڇڏ نہ تہ گولين سان تنهنجو جسم پروڻ ڪري ڇڏيندس ڪُتي....“

منهنجا ٻار هيڏانهن هوڏانهن گهمي رهيا هئا، پر انهن سان نہ ملي پئي سگهيم ۽ انهن کي پيار پئي ڪري سگهيم. بہ ماڻهو جيڪي اندر ويٺا هيا انهن جلدي ۾ هٿيار ڪيدي مون ڏانهن سڌا ڪيا. مان فوراً ً دروازي کان وٺي ٻاهر ڀڄي ويم. ۽ تيز تيز ڀڄندي رهيم منهنجي پٺيان هوائي فائر ٿيندا رهيا. پر مان مسلسل ڀڄندي رهيم..... ۽ ايئن مان اتان پنهنجي جان بچائي نڪتم.... مون کي پيو ڪو ڏک نہ هيو سواءِ پنهنجي ٻارن کي سيني سان لڳائڻ جي......!!!

**ٻيو قصو:**

گهر ۾ روز تعليم يافتہ شاعر ۽ نقاد ايندا هئا ۽ ادب تي ڳالهائيندا هئا. منهنجي خمير ۾ علم جي وحشت تہ هئي، پر ان جي باوجود ٻُڪ بردا شت نہ ٿيندي هئي. هر روز گهر ۾ فلسفو پچڻ لڳو ۽ اسان اهو کائيندا رهياسين. هڪ ڏينهن جهوپڙي مان بہ ڪڍيا وياسين. اها بہ پرائي هئي. هڪ ٻيو گهر ڪرائي تي ورتوسين. مان هيٺ فرش تي چادر تي ليٽي ڪري تارا ڳڻيندي رهندي هيس. مون کي ستون مهينو هو، منهنجو درد شديد هو. علم جي غرور ۾ هو اڪ ڪٽي نهارڻ بنا ئي هليو ويو. جڏهن وڏيڪ درد ٿيو تہ منهنجي رڙين تي مالڪ مڪان ڀڄندي آئي ۽ مون کي اسپتال ڇڏي وئي. منهنجي هٿ ۾ درد ۽ روپئي وارا پنج ڪڙڪ نوٽ هئا..... ٿوري دير ڪانپوءِ پٽ جو اولاد ٿيو. سيءُ تمام گهڻو هيو، مون وٽ هڪ ٿوال بہ ٻار کي ويڙهڻ لاءِ نہ هو.....

ڊاڪٽر ٻار کي منهنجي ڀرسان واري اسٽريچر تي ليٽايو. پنج منٽن لاءِ ٻار اک کولي ۽ پوءِ ڪفن ڪمائڻ لاءِ هليو ويو. بس ان وقت کان منهنجي جسم ۾ اکيون ڀريل آهن. سسٽر مون کي وارڊ ۾ سمهاري وئي. مون سسٽر کي چيو: ”مان گهر وڃڻ چاهيان ٿي، ڇو تہ گهر ۾ ڪنهن کي بہ خبر ناهي تہ مان ڪٿي آهيان“

نرس، مون ڪاوڙ سان ڏنو ۽ چيو: ”تنهنجي جسم ۾ زهر ڦهلجڻ جو هوئڻ ئي ڏِج آهي سو ان ڪري تون بستر تي ئي ليٽي رهه“
پر هاڻي ته آرام ڪٿي به نه هو..... هاڻي مون وٽ پنج روپيه ۽ مري ويل ٻار هو.
مون سسٽر کي چيو: ”مون وٽ فيس جا پيسا ناهن، مان ڪٿي تي اچان، مون لاءِ مشڪل آهي هاڻي اسپتال ۾ رهڻ، تو وٽ منهنجو مري ويل ٻار امانت آهي، مان پيسا ڪٿي اچان ٿي، پڇي نه ويندس.“
مان ڏاڪٽڻ کان هيٺ لهي ويس. مون کي 105 ڊگري بخار هو. بس تي سوار ٿي ويس. گهر پهتم ته منهنجي ڇاتين مان کير وهي رهيو هو. مان کير گلاس ۾ پيري رکي ڇڏيو.
ايتري ۾ شاعر ۽ ٻيا اديب حضرات اچي ويا. مون شاعر کي چيو: ”پٽ پيدا ٿيو هو..... پر مري ويو....“
ان سرسري ٻُڌي ڪري پنهنجي نقاد دوستن کي ٻڌايو. ڪمري ۾ به منٽ خاموشي رهي ۽ اڳلي ٽئين منٽ گفتگو شروع ٿي وئي.....
...... فرائيڊ جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي؟
....... فيدور دوستو وسڪي ڇا ٿو چوي؟
........ سعدي ڇا چيو؟
......... ۽ وارث شاهه وڏو ماڻهو هو........
هي ڳالهيون ته مان روز ٻڌندي هيس، پر اڄ لفظ ڪجهه وڌيڪ صاف ٻڌجن پيا.
مون کي ايئن لڳو ڄڻ هي سڀ وڏا ماڻهو منهنجي رت ۾ هجن، دوستو وسڪي ۽ فرائڊ منهنجي رحم مان منهنجو ٻار پٽي رهيا هجن.
ان ڏينهن علم منهنجي رت ۾ وڏا ٿهڪ ڏئي رهيو هو. ان ڏينهن علم پهريون دفعو منهنجي گهر آيو هو. منهنجي ٻار جو جنم ڏس! بس هڪ ڪلاڪ گفتگو ٿي ۽ پوءِ خاموش اکيون مون کي ڏسنديون رهيون..... هي ماڻهو علم جا دريا عبور ڪندي ڪمري مان نڪري ويا.....

مان ڏاڪٽر ڪان هڪ رڙ ڪندي هيٺ لهي آيس، منهنجي هٿ ۾ 3 روپيہ هيا. مان پنهنجي دوست وٽ ويس ۽ ان ڪان 300 روپيہ اڌارا گهريم. هن ڏئي ڇڏيا. ان مون کي ڏسي ڪري چيو:

”ڇا تنهنجي طبعيت خراب آهي؟“

”بس مون کي ٿورو بخار آهي، مان وڌيڪ بيهي نہ ٿي سگهان ڇو تہ پيسا هڪ قرض خواهہ کي ڏيڻا آهن هو منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي“

اسپتال پهتم بل 295 روپيہ جو ٿيو. هاڻي مون وٽ وري مري ويل ٻار ۽ پنج روپيہ هيا.

مون ڊاڪٽر کي چيو: ”توهان چندو گڏ ڪري ٻار کي ڪفن ڏيو ۽ هن کي ڪٿي بہ دفن ڪري ڇڏيو. ٻار جي اصل قبر تہ منهنجي دل ۾ ٺهي وئي آهي.“

مان وڏيون رڙيون ڪندي ڏاڪٽن ڪان هيٺ لهي آيس. اگهاڙين پيرَ مان روڊ تي ڀڄندي ڀڄندي بس ۾ اچي سوار ٿيس. ڊاڪٽرن سمجهيو شايد صدمي ڪان مان پنهنجو ذهني توازن وڃائي ويٺي آهيان. ڪنڊيڪٽر مون ڪان ٽڪيٽ نہ گُهري. ڇو تہ منهنجي ڪپڙن ڪان رت وهڻ لڳو هو. مان بس مان لهندي ڪنڊيڪٽر جي هٿ ۾ پنجين روپئي جو نوٽ رکندي هلي آيس.

گهر.... گهر.... گهر.... پهچي.....

گلاس ۾ منهنجي ڇاتي جو کير رکيل هو، ڪفن ڪان بہ وڌيڪ اُجرو...... مون پنهنجي کير جو قسم کنيو!

شعر مان لکنديس! شاعري مان ڪنديس! شاعره مان چورائينديس.....۽ کير خراب ٿيڻ ڪان اڳ مون پهريون نظم لکيو .

اچ چئني طرف ڪان شاعره شاعره جي آواز اچي ٿي. پر اڃا تائين ڪفن جا پيسہ پورا ناهن ٿيا......

مان پوءِ بہ هن بي حِس ٽانڊن تي ليٽي رهيس، ۽ هو مون ۾ هر روز رات جو زهر پريندو رهيو، مون هن کي ڪڏهن نہ چيو تہ ”تنهنجي ڪمري ڪان، منهنجي بدن ڪان هڪ روح وڇڙي ويو آهي...... مان خدا ڪان وڌيڪ خاموش رهيس......

جڏهن هو مون سان سمهندو هو تہ مون کي ايئن لڳندو هو ڄڻ وري منهنجو ڪو بي ڪفن ٻار مرڻ وارو آهي......!!!

### ٽيون قصو:

ٻي طلاق ڪانپوءِ هاڻي پيو شاعر منهنجي پويان پئجي ويو تہ توکي منهنجي ڪري طلاق ٿي آهي. مون سان شادي ڪر نہ تہ مان خودڪشي ڪري ڇڏيندس.... وغيره

هو منهنجي فليٽ جي هيٺيان ڪئي ڪلاڪ بيٺو رهندو هيو ۽ شهر جي معزز ماڻهن وٽ وڃي ڪري منٿ ڪندو هيو تہ منهنجي شادي سارا سان ڪرايو. 6 مهينا ايئن گذري ويا پر هُن جي مسلسل ساڳي ضد تہ شادي ڪر مونسان..... هڪ ڏينهن مون هُن کي سمجهايو تہ هاڻي منهنجو شادي ڪرڻ جو ڪو ارادو ناهي.... مون هن کي ايتري تائين چيو تہ جيڪڏهن مون کي چاهين ٿو تہ پوءِ شادي جي ڪهڙي ضرورت!؟

پر هو نہ مڙيو.... هڪ ڏينهن مون هن کي چيو:

”توکي مون سان شادي ڪرڻي آهي نہ؟“

چيائين: ”ها....“

مون چيو: ”وڃ.... وڃي ڪارڊ ڇپرائي ۽ سڄي شهر ۾ ورهائي مان توسان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.“

شادي ٿي وئي.....

صبح جو سس چوڻ لڳي: ”ڇا ٽِڪا نٿ پايون ويٺي آهين، منهنجي ڪنواري پُٽ کي ڦاسايو آهي تو....“

مان خاموشي سان ٽِڪو ۽ نٿ لاهي رکي ڇڏيم. ۽ ٻيا ڪپڙا پائي ورتم. شادي جي پهرين ڏينهن شاعر صاحب چوڻ لڳو:

”تون اڪيلي ٻاهر اچ وڃ نہ ٿي ڪري سگهين. هي اسانجي گهر جو دستور آهي.“

مون کي پاڙي وارن جي گھر وڃڻ جي بہ اجازت نہ هئي...... شادي جي هڪ هفتي ڪانپوءِ سس ۽ نڻانن جي نفرتن جي ڪري شاعر صاحب مون کي زمين تي ليٽائي منهنجي سيني مٿان ٽپا ڏيڻ لڳو. ۽ مون کي ايترو ماريو جو منهنجي جسم تي نيرا گھاوَ ٿي ويا هئا. مون کي ڪنهن سان ملڻ جلڻ جي اجازت نہ هئي. منهنجي هر رشتيدار، دوست يا اچڻ واري تي شڪ ڪيو پيو وڃي. مان سيني گھر وارن جا ڪپڙا ڌوئندي هيس، بوٽ پالش ڪندي هيس.... ڇهہ نڻانون ملي ڪري مون کي گاريون ڏينديون هيون، ۽ مڙس اهڙو بدليو جڻ بازار مان ڪا لونڊي خريد ڪري آيو هجي. هڪ ڏينهن هن جي والده چيو:

”تو مون کان منهنجو پٽ ڦري ورتو آهي.....“

مون چيو: ”امان فڪر نہ ڪريو مان توهان کي توهانجو پٽ واپس ڪري ڇڏيندس.“

پوءِ انهيءَ شام، مون سيني کي گڏ ڪيو، ۽ شاعر صاحب کي چيم: ”مون کي هن وقت طلاق ڏي.“

هن چيو: ”طلاق نہ ڏيندم.... مان تنهنجي ڪَل لاهي ڇڏيندس، ۽ دروازي تي تالو لڳائي ڇڏيائين.“

مان وري اميد سان ٿيس.... منهنجي لاءِ اهيا ڳالهہ وڏي پريشاني واري هئي. ٻاهر بہ نہ پئي وڃي سگھان.... ۽ بن مانس منهنجا پير چٽي ڪاغذ جا ڪري ڇڏيا هيا..... هو مون کي ڇُهندو هو تہ مون کي ائين لڳندو هو جڻ منهنجي دل ۾ ڪا زنجير لهي وئي هجي.....

هڪ ڏينهن مون هڪ وڏي ڪاغذ تي لکيو....... ”مان ٻار ضايع ڪرائڻ وڃي رهي آهيان، مان نہ ٿي چاهيان تہ تنهنجو گندو خون منهنجي رڳن ۾ رهي....“

۽ صبح اسر ويل 5 بجي ڀت ٽپي ڪري هڪ ليڊي ڊاڪٽر وٽ پهچي ويس..... ۽ ٻار ضايع ڪرائي ڇڏيو. مون کي ڏاڍو تيز بخار چڙهي ويو. سڄو

ڏينهن بستر تي ليٽي رهيس، شام جو اٿي گهر واپس هلي آيس. ايتري ۾ منهنجي نٽانن سڄي پاڙي ۾ هُل ڪري ڇڏيو تہ اسان جي پاڇائي ڀڄي وئي....“

پوءِ مڙس مون کي ايترو ماريو جو منهنجي جسم تي نيرا نشان پئجي ويا. پوءِ هو ٻُل ڊاگ جوڙڻ لڳو:

”وڃ .... وڃي ڪري منهنجا بوٽ پالش ڪر.... ان ڪانپوءِ چانهہ ٺاهي اچ .....“

پڙهڻ تي بہ پابندي هئي..... مان ٽوائلٽ ۾ وڃي ڪري شعر لکندي هيس. ۽ هو ڪُتو چوندو هو: ”عظيم شاعره منهنجا بوٽ پالش ڪري رهي آهي.....“

هن گهر ۾ مون تي ايترو تشدد ٿيو جو مون تي پاڳل پڻي جا دورا پوڻ شروع ٿي ويا. پوءِ هڪ ڏينهن مون پنهنجي سس کي چيو: ”مان توکي تنهنجو پٽ واپس ڪري ٿي وڃان، ان لاءِ مان بہ ماءُ آهيان ۽ ماءُ جو ڏک سمجهان ٿي“ ۽ دروازي کان ٻاهر نڪري آيس.....

### چوٿون قصو:

چوٿين شادي مان وڏي مشڪلاتن سان طلاق تہ حاصل ڪري ورتي هئي، پر ڪورٽ ڪچهري جون زنجيرون اجان تائين کُلي نہ سگهيون هيون. هڪ ڏينهن جاگيردار پيغام موڪليو تہ توسان ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي، توسان ملڻ ٿو چاهيان...“ مان هلي ويم ملڻ...

”تو مون کي ڇو نڪرائي ڇڏيو آهي ان لاءِ جو مان جاهل آهيان، اسان عورت کي استعمال ڪريون تہ هوءَ ٻي چادر تائين پائي نہ ٿي سگهي، اسان روز عورت خريد ڪندا آهيون ۽ جڏهن هوءَ انڪاري ٿيندي آهي تہ پوءِ ان کي قتل ڪري ڇڏيندا آهيون، ان لاءِ مان چاهيان ٿو تہ تون مون وٽ رهہ.....!“

وڏيڪ چيائين تہ : ”تون مون وٽ رهہ، جيتري دولت گهرجي توکي ڏيندس.... گاڏي، بنگلو، زمين، ڳوٺ مطلب تہ هر شيءَ توکي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، تون نہ مڃيندينءَ تہ توکي قتل ڪري ڇڏيندس.... تنهنجون ٻئي ٽنگون

ڪٽي ڇڏيندس، تنهنجون ٻئي ٻانهون ڪٽي ڇڏيندس جن تي توکي ايترو غرور آهي، جنهن سان تون لکندي آهين ۽ دنيا کي بيوقوف بڻائيندي آهين....“

مون چيو: ”مان توسان چند ڏينهن ئي گذاري سگهان پئي باقي جبر مون تي لازم نہ هيو، مون کي جاگير، دولت جي ضرورت ناهي، تون مون کي خريد ڪري نہ ٿو سگهين ۽ اهيا تنهنجي ڀُل آهي تہ دولت سان هر شيءِ خريد ڪري سگهجي ٿي، مان اها عورت ناهيان جو مڙس جي حرم ۾ سڄي عمر روئندي رهان، مون کي پنهنجي حرم ۾ رهڻ جي دعوت ٿو ڏين ڪُتا!

تون مون کي قيد نہ ٿو ڪرين سگهين، منهنجو توسان ڪو بہ تعلق ناهي، آئنده مون کي گهرائڻ جي ڪوشش نہ ڪجانءِ نہ تہ ٻچڙو ڪندي سانءِ....“

۽ مان اتان هلي آيس....

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ مان ڪافي بيمار ٿي ويس تہ ڪراچي جي نديم اسپتال ۾ داخل ٿيس.... جاگيردار هڪ ڏينهن اتي آيو، مون کي رت جي بوتل لڳل هئي، اچي چوڻ لڳو:

”اسپتال جو خرچ ڪير ڀريندئي، مان ان لاءِ آيو آهيان تہ توکي پيسن جي ضرورت هوندي“

مون جاگيردار کي ڏنوءِ چيو: ”ڊاڪٽر منهنجو علاج مفت ڪري رهيا آهن ۽ مون کي ڪوئي بل ناهي ڏيڻو.“

هو اتان هليو ويو. اسپتال مان آئي اڃان ٻہ ڏينهن مس گذريا هيا تہ جاگيردار جي ڀاڃائي مون وٽ آئي ۽ چيائين:

”فلاڻ خالہ ڏاڍي بيمار آهي ۽ توکي ياد ڪري رهي آهي ۽ توسان ملڻ ٿي چاهي.“

مون چيو: ”سڀاڻي مان ان سان ملڻ ايندم“

ٻئي ڏينهن مان ان جي عيادت ڪرڻ هلي ويس. اتي جاگيردار ۽ هڪ ٻيو مرد موجود هيو. هن ٻئي مرد کي چيو تہ ٻئي ڪمري ۾ وڃ. هو ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو.

مون جاگيردار کان پڇيو: ”مون کي چڪر ڏئي گهرائڻ جو ڇا مطلب هيو؟“

هن ڪاوڙ ۾ مون ڏانهن نهاريو ۽ چيو: ”بڪواس بند ڪر، هاڻي تون هن گهر مان ٻاهر نہ وڃي سگهندينءَ، ڪيترن عاشقن جا خط توکي روز اچن ٿا ڪُتي؟“

مون چيو: ”عاشق؟ منهنجي مٿي هن خوشبو مان غافل رهي آهي“

ان وري چيو: ”مون وٽ رهندينءَ يا نہ؟“

مون چيو: ”نہ بِنِ مانس! مان تنهنجي حرم ۾ نہ رهنديس“

هو ڪاوڙ ۾ هڪدم اٿي بيهي رهيو، ۽ مون کي ايترو اچي ماريائين جو منهنجي جسم تي نيرا نشان ٿي ويا. مان ان جي هر وار تي گاريون ڪڍنديون رهيم، جيترو ٿي سگهيو مان بہ ان تي هٿ ڪڻندي رهيم. هن اچانڪ ويهاڻي جي هيٺيان چاقو ڪڍيو ۽ منهنجي سيني تي وار ڪرڻ لڳو..... مان وار کان پاڻ بچائي ورتم... موت منهنجي ويجهو کان گذري وئي هئي، مان بہ وڙهندي رهيس، هن مون کي زمين تي ڪيرائي منهنجي مٿان چاقو جو وار ڪرڻ چاهيو مان ان کي سيني تي لت هڻڻ جي ڪئي تہ هن چاقو منهنجي ڄنگهہ ۾ وهائي ڪڍيو.... سڄي ڪمرو رت ٿي ويو. مان رتورت ٿي ويس.... مان زور سان رڙيون ڪرڻ شروع ڪيم، منهنجي رڙين تي پاڙي وارا گهر اندر اچي ويا.... انهن کي ڏسي جاگيردار ڀڄي ويو. مان چاقو جي وار جي ڪري بيهوش ٿي ويس......

هوش آيو تہ گهر ۾ ڪيربہ ڪو نہ هيو.... قتل جي معاملي ۾ ڪير ٿو پوي؟

■

# سارا شگفتہ ڪي مليل طلاقن جا واقعا

## پهرين طلاق:

منهنجو مڙس ٻين عورتن سان پڻ قائل هيو. هڪ ڏينهن منهنجي پاڙيجي منهنجي گهر رهڻ لاءِ آئي. ان وقت منهنجو ننڍو پٽ ستن سالن جو هيو. آڌيءَ رات جو ٻئي ڪمري مان رڙيون اچڻ شروع ٿي ويون.

ماسي..... او ماسي..... مون ڏٺو منهنجو مڙس زبردستي منهنجي پاڙيجي سان همبستر ٿيڻ پيو چاهي، مان ٻيجي وڃي ٻئي ڪمري ۾ ستل پنهنجي هڪ سال جي ڌيءَ کي کڻي آيم، ۽ اچي چيم

”سمهڻو اٿئي تہ پنهنجي ڌيءَ سان سمھ.... ٻئي جي زندگي ڇو ٿو برباد ڪرين.....؟“

۽ پوءِ ان وقت مون کي طلاق ٿي وئي.

## ٻي طلاق:

مون قرض کڻي ڪري هڪ انڊسٽريل هوم کوليو . ڇو تہ شاعر صاحب جي پگهار کي مون ڪڏهن ڏٺو ئي نہ هو. سوچيندي هيس..... هن پُسيل انجڻ سان گڏ ڏينهن گذاري ويندس.... پر اچانڪ هڪ واقعو پيش آيو.... شاعر صاحب پنهنجي هڪ شاعر دوست کي گهر وٺي آيو، ۽ تعارف ڪرايو ۽ چيو:

”هاڻي تہ منهنجي گهر واري بہ شاعري ڪندي آهي“

خير مان ڪم ختم ڪري شام جو گهر ايندي هيس ۽ شام تائين ڪافي اديب، شاعر اچي ويندا هئا ۽ مقابلہ بازي شروع ٿي ويندي هئي. ڇھ مهينا ائين گذري ويا..... هڪ شام اهو ئي دوست شاعر صاحب جو گهر آيو ۽ چيائين:

”مون کي اوهان سان ڳالھ ڪرڻي آهي پر قسم کڻو تہ اوهان ناراض نہ ٿيندا“

گهڻي ضد ڪانپوءِ مون قسم کنيو. هن چيو: ”مان توهان سان شادي ڪرڻ چاهيان ٿو“

مون چيو: ”مان شادي شده آهيان، پلا منهنجي ۽ توهان جي شادي ڪيئن ٿي سگهي ٿي؟ ۽ اڳتي اهڙي ڳالهہ مون سان نہ ڪجو“

خير ڳالهہ ڪي مون ڪلندي ٽاري ڇڏيو. هڪ منهنجي سهيلي هئي، اها بہ اسانجي گهر ايندي هئي. هو حضرت شاعر جي نگاهہ ڪي سجاٽي وئي. هڪ ڏينهن مذاق ۾ مون ڪي چيائين:

”سارا... توکي هو شاعر ڪيئن ٿو لڳي؟“

مان بہ موڊ ۾ هيس سو ڪلي چيم: ”سٺو آهي، خوبصورت آهي، سمارٽ آهي.....“

۽ پوءِ اسان پيون ڳالهيون ڪرڻ لڳي وياسين.

هڪ ڏينهن مان انڊسٽريل هوم مان واپس آيم تہ منهنجي مڙس شاعر جو چهرو لٿل هو. پيو شاعر بہ موجود هو. هونئن بہ شام جو اسان سڀ گڏ ئي هوندا هئاسين. مان ڪرسي تي ويٺي ئي هيس تہ منهنجي مڙس مون کي قرآن شريف هٿن ۾ رکي ڇڏيو. پيو شاعر بہ موجود ۽ پيا ماٺهو بہ هئا.

هن چيو: ”تنهنجي هٿن ۾ قرآن شريف آهي، اميد آهي تون سچ ڳالهائيندين....“

مون چيو: ”قرآن نہ بہ هجي ها تہ بہ مان سچ ڳالهايان ها، خير پُڇ.... ڇا ٿو پڇڻ چاهين؟“

هن چيو: ”ڇا تو پنهنجي دوست کي چيو آهي تہ پيو شاعر خوبصورت آهي، سمارٽ آهي، ۽ مون کي وڻي ٿو...“

مون چيو: ”ها .... مون چيو هو“

تہ ان چيو: ”مون توکي طلاق ڏني..... طلاق ڏني...... طلاق ڏني......

جڏهن طلاق ڏئي ڇڏي ۽ قرآن اجا تائين منهنجي هٿن ۾ هو تہ مون چيو: ”طلاق ڏئي ڇڏي اوهان؟“

هن چيو: ”ها.....“

تہ پوءِ مون چيو: ”منهنجي بہ ٻڌي ڇڏ..... مان هن قرآن تي هٿ رکي چوان ٿي تہ هن شاعر سان منهنجو ڪو بہ ناجائز تعلق ناهي، پر تون گهٽيا ۽ ڪميڻو انسان نڪتين، هن گهر جا بہ دروازا آهن هڪ مان تون ٻاهر نڪري وڃ ۽ ٻئي دروازي مان ٿي نڪري وڃان.....“

هو فوراً منهنجي پيرن تي ڪِري پيو ۽ چيو: ”مون کي معاف ڪري تو جهڙي گهرواري مون کي ڪڏهن نہ ملي سگهندي.“

مون چيو: ”مان توکي ٿُڪي ڇڏيو... هاڻي منهنجو توسان ڪو بہ رشتو ناهي.... انهي چڪر ۾ رات جا 2 ٿي ويا.... پيو شاعر بہ ويٺو ئي رهيو. مان پنهنجي ڪمري ۾ هلي ويس. ٿوري دير ڪانپوءِ پهريون شاعر آيو ۽ وڏيون منٿون ڪيائين مون ان کي ڪمري مان ڪڍي ڇڏيو. پوءِ پيو شاعر ڪمري ۾ آيو مون ان کي بہ ڪمري مان ڪڍي ڇڏيو....

### ٽين طلاق:

ٽين شادي جي هڪ هفتي ڪانپوءِ سس ۽ نڻانن جي نفرتن جي ڪري شاعر صاحب مون کي زمين تي ليٽائي منهنجي سيني مٿان ٽپا ڏيڻ لڳو. ۽ مون کي ايترو ماريو جو منهنجي جسم تي نيرا گهاوَ ٿي ويا هئا. مون کي ڪنهن سان ملڻ جلڻ جي اجازت نہ هئي. منهنجي هر رشتيدار، دوست يا اچڻ واري تي شڪ ڪيو پيو وڃي. مان سڀني گهر وارن جا ڪپڙا ڌوئندي هيس، بوٽ پالش ڪندي هيس.... ڇهہ نڻانون ملي ڪري مون کي گاريون ڏينديون هيون، ۽ مڙس اهڙو بدليو ڄڻ بازار مان ڪا لونڊي خريد ڪري آيو هجي. مان ان گهر ۾ ٽي سال رهيم، سس ٻوٽيون ٻُڌي رکي ڇڏيندي هئي، پر گهر کان ٻاهر قدم رکڻ نہ ڄاڻندي هئي، پهرين تہ برقعو پائيندي هئي، اڪيلي ٻاهر نہ نڪرندي هئي. انهيءَ گهر جو هڪ واقعو ياد آيو آهي تہ تقريباً هڪ رات، 8 بجي ڌاري منهنجي پاءُ اچي مون کي اطلاع ڏنو تہ والد صاحب جو انتقال ٿي ويو آهي، مان جنازي ۾ شرڪت جي لاءِ تياري ڪرڻ لڳس..... منهنجي مڙس مون کي چيو تہ ”تون

جنازي ۾ شريڪ نہ ٿي، ٿي سگهين، اڄ انسان نہ بلڪہ هڪ ڪتو مري ويو آهي.....“

مون چيو: ”وڏيڪ خباثت جي ضرورت ڪونهي.... مان تہ ضرور ويندي س.... “

پوءِ هن مون کي پائيپ سان ايترو ماريو جو مان بي هوش ٿي ويس..... جڏهن هوش آيو تہ رات جا 2 ٿي رهيا هيا.... مان پيٽ ٽپي ۾ پڄندي پنهنجي والد جي جنازي تائين پهتم ۽ ميت کي ڀاڪر پيري روئڻ لڳس..... گهر واپس آيم تہ مڙس صاحب مون کي وري پائيپ سان ماريو.

مان ئي رڳو ڇو؟ بلڪہ پورو سماج عورت سان اهيو ئي لڪاءُ ڪندو آهي. بس ڪٿي ڪٿي رَوَن (دوپٽہ) جا رنگ تبديل ٿي ويندا آهن.

”اسان تہ بنا آس جي اک آهيون،
۽ چوندا آهن تہ عورتون تہ کيت (فصل) آهن،
انهن کان پڇو... ڪڏهن ڪنهن هاري پنهنجي فصل کي اجاڙيو آهي؟
هاري جو تہ پوري زندگي جو دارومدار فصل تي هوندو آهي.“

”وڃ .... وڃي ڪري منهنجا بوٽ پالش ڪر.... ان ڪانپوءِ چانهہ ٺاهي اچ.....“

پڙهڻ تي بہ پابندي هئي..... مان ٽوائلٽ وڃي ڪري شعر لکندي هيس. ۽ هو ڪُتو چوندو هو: ”عظيم شاعره منهنجا بوٽ پالش ڪري رهي آهي.....“

هن گهر ۾ مون تي ايترو تشدد ٿيو جو مون تي پاڳل پڻي جا دورا پوڻ شروع ٿي ويا. . پوءِ هڪ ڏينهن مون پنهنجي سس کي چيو: ”مان توکي تنهنجو پٽ واپس ڪري ٿي وڃان، ان لاءِ مان بہ ماءُ آهيان ۽ ماءُ جو ڏک سمجهان ٿي“

۽ دروازي کان ٻاهر نڪري آيس..... پوءِ وڏي مشڪلاتن سان مون طلاق حاصل ڪئي.

## چوٿين طلاق:

ـ ڪهڙي مصيبت سان شادي ٿي آهي؟
ـ اسان وٽ عورتون سگريٽ پيئن تہ ان کي گولي هڻي ڇڏيندا آهيون.
ـ پڙهڻ لکڻ تي اچ ڪان پابندي.
ـ ڇا ٿي لکين؟ هيڏانهن اچ، منهنجا پير دٻاءِ... وڏي آئي شاعره....
ـ زيور هر وقت پاتل هجي، ان سان عزت وڌندي آهي.
ـ مشهور شاعره جو ساهہ هاڻي منهنجي مُٺي ۾ آهي.

پندرنهن ڏينهن تائين مون برداشت ڪيو.

”مون کي ان سان ڪو ڏيڻ وٺڻ ناهي تہ تون لکپتي آهين، پنهنجو لهجو درست ڪر، ٻي صورت ۾ سٺو نہ ٿيندو.“

”تون ٿَڪي جي شاعره، تنهنجو علم تہ توکي اڌ ماني بہ نہ ٿو ڏئي، پڙهڻ لکڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

پنجويهہ ڏينهن ڪانپوءِ مون لکپتي کي چيو: ”مون کي طلاق کپي.“

”نہ ڏيندس.... توکي هتي ڪهڙي تڪليف آهي، توکي گهر ڏنم، 20 هزار حق مهر آهي تنهنجو.“

”مون توکي حق مهر معاف ڪيو، مون کي طلاق ڏي.“

وڏي مشڪلن سان مون ان لکپتي کان طلاق ورتي.

# سارا شگفتہ جي حق ۾ ڪورٽ جو هڪ يادگار واقعو

مان عبادت لاءِ غار نہ انسان چاهيان ٿي، ۽ تلاوت لاءِ انساني صحيفو!

پهرين مڙس مان سارا شگفتہ کي ٽي ٻار پيدا ٿيا. جيڪي هن جي مڙس هن کان زبردستي کسي ويو هيو. ۽ واپس نہ پيو ڪري، جنهن تي سارا ٻارن کي واپس ڪرائڻ لاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪرايو.... انهيءَ ڪيس جي ٻُڌڻي دوران هن جي مڙس سارا تي تمام گندا ۽ بيهوده الزام لڳايا هئا. جنهن تي سارا جواب ۾ چيو تہ:

”جج صاحب ! هي شخص بلڪل سچ ٿو چوي تہ مان آواره ۽ هڪ بدچلن عورت آهيان، انهيءَ لاءِ اهيو اقرار ٿي ڪريان تہ هي ٻار هن شخص جا نہ آهن. هنن ٻارن جو پيءُ ڪو ٻيو آهي. عدالت مون کي اجازت ڏي تہ مان هي ٻار اصل پيءُ وٽ پهچايان.....!!!!“

## باب ٽيون

# سارا شگفتہ جو ادب ۾ پير پائڻ

سارا شگفتہ جي پهريون ٻار جو جنم قصو انتهائي دردناڪ آهي، انهيءَ اذيت واري ڪيفيت مان گذرندي رهي... ڪجھہ گهڙين جي لاءِ هُن جو ٻار هن دنيا ۾ اک کولي پوءِ هميشہ جي لاءِ اکيون بند ڪري ڇڏيون.... انهيءَ درد کي سهندي هُن پاڻ سان هڪ واعدو ڪيو تہ شعر مان لکنديس! شاعري مان ڪنديس! شاعره مان چورائينديس.....۽ هُن پهريون نظم لکيو.

## سارا شگفتہ جا اديبن ڏانهن لکيل خط

## اردو جي مشهور افسانہ نگار رام لال جي نانءُ خط

**رام لال!**

اج مون ڊاڪٽر کي چيو: ” هي عمارت پٿرن جي پيماني سان نهيل آهي.“ هو ڏاڍو کليو، انهيءَ جي ڪِل ۾ هزارين آهون هيون، جيڪي ويچاري ڊاڪٽر جي وس ۾ نہ هيون. سفيد چادرن ۾ اڌ زندهہ اڌ مرده ماڻهو.... انسان جي زندگي چادر کان بہ گهٽ آهي. جوتشي جي ٻُک، هٿ هوندو آهي رام لال....

اج مان خدا کان وڌيڪ اداس آهيان جو وارڊ ۾ بہ عورتون مري ويون آهن، جي چوي ٿو تہ ...... مان بہ موت جي خاموشي چورائي وٺان ۽ اکين جي پِين مرڻ وارن جي هٿن تي رکي ڇڏيان... پر انهن جا جسم انڌا ٿي ويا آهن. ڪالهہ تائين جيڪا عورت پنهنجن سان گهڻو ڳالهائيندي هئي، اج ڏس ڪيڏو چُپ آهي...!؟

چانڊوڪي ۾ ڪو بہ داغ نہ هوندو آهي. خدا جو ڪنڌو ڪنهن جي بہ نڙيءَ ۾ ڦاسي سگهي ٿو.... تہ خيال ٿيو ..... سڀ کان وڏو شڪاري آهي رب!

مون کي ڪنواري خدا جي نظر لڳي وئي هئي. منهنجي رت مان اداس آواز ايندا آهن، جوڳياڻي مري ويل درد جي لئي تي نچي ٿي. هي دروازا آهن يا تابوت ! خوف منهنجون آڱريون ڇو پيو کولي؟ رات پکي جي پرن ۾ رهجي ويندي، سج هر روز انسان جو فصل ڪٽي رهيو آهي.

**رام لال!** مون کي بہ موت پنهنجي ويجهو پئي محسوس ٿئي. خير .... ڏنو ويندو.... مان توهان جو بيحد احترام ڪندي آهيان. ۽ لفظ لفظ رکندي آهيان صاحب! لفظن کانسواءِ اسان وٽ پيو بچيو ڇاهي؟ جواب جلد موڪلي ڏيندا.

**سارا شگفتہ**

## ڊاڪٽر سومرو جي نالي خط

**ڊاڪٽر سومرو!**

آداب !

ڪاتب جي غلطي پهريان ئي نظرانداز ڪري ڇڏجو. توهان انتهائي انساني سطح تي جيڪو سلوڪ مون سان ڪيو آهي، ان ڪي ڪڏهن به وساري نٿي سگهان. اصل ۾ جنرل وارڊ ۾ انساني درد جون دانهون منهنجي برداشت کان ٻاهر آهن. ۽ اهيا منهنجي ڪمزوري آهي تہ مان شور هنگامي ۾ نٿي رهي سگهان، هي منهنجو نفسياتي مسئلو آهي. هن ڪي منهنجي مجبوري سمجهو. ايڪس ري ٿي ويو آهي، ۽ مون بہ ڏسي ڇڏيو آهي، مادي ۾ السر آهي، علاج جي لاءِ ايندي رهنديس. اسپتال ۾ رهڻ ڇا ضروري آهي....؟ شور جي ڪري سڄي رات هڪ ڪرب ۾ گذري.... اميد آهي برو نہ لڳندو، مان گهر پئي وڃان.

انتهائي محبتن مان

**سارا شگفتہ**

---

## ڪشور ناهيد جي نالي

**ڪشور ناهيد!**

جيڪڏهن ڪنهن مسجد ۾ دعا گهرندي آهيان تہ مندر رُسي ويندو آهي، جسم جي لٺ تي ڪنهن جنگل جو نالو ناهي لکيل. ڇاڻان ٿي عورت جي رت سان جهنڊيون ٺاهيون ويندون آهن. هي ڪفن ماڻهو وارا پنهنجي جسم جيترو گز رکندا آهن پر اسان سِر تي ڪفن ٻڌي پيدا ٿيا آهيون، ڪا منڊي پائي نہ.... جنهن ڪي هو چوري ڪري سگهن. هو اسان جي ٺهڪن ۾ آيتون ڇو ٿا ڳولهين؟ جڏهن تہ هر آيت ۾ شيطان جو ذڪر ضرور آهي.

**سارا شگفتہ**

# احمد سليم جي نانءُ خط

**احمد سليم!**

مذاق شروع ٿيندو آهي تہ سچي ڳالهہ ختم ٿي ويندي آهي. ڌرتي منهنجي ٿڪاوٽ کان بہ ننڍي ٿي پئي آهي. جن ڪي مون عزتون ڏنيون انهن هميشہ مون کي غليظ مٽي سمجهي ڌڌڪاريندا رهيا. منهنجي لکڻ جي لاءِ ڪائنات جو خالي ڪاغذ ننڍو آهي، هونئن تہ مان مالدار مشهور آهيان، ۽ اهيا ئي منهنجي صبر جي لغام آهي. لغام سفر کان وڏيڪ آهي سو بي ارادو آهي. مان کِلڻ چاهيان ٿي ۽ شايد مسڪرائڻ بہ چاهيان ٿي پر شايد منهنجا چپ ننڍا ٿي پوندا آهن. سڀئي قدم رخصت ٿي ويا آهن. هاڻي تہ اکين کي پگهر اچي ويا آهن. مون کي پٽڙ هٽندڙن تي ڪو افسوس ناهي جو هو هڪ اک سان ڏسندا آهن. ڪير بہ ڪنهن بہ وقت منهنجي اندر خوف جا ڪوهہ کوٽي سگهي ٿو. ۽ منهنجي جذبن جا گلدستہ ڪنهن بہ ڇهري تي ظاهر ٿي پوندا آهن.

**واقعي سليم!** اهڙا ماڻهو ڪٿي آهن جيڪي مون سان گڏ جنگل مان آيا هيا. مان بار بار پنهنجي لهو کي وساري ويهندي آهيان. هي چپ منهنجا گداگر آهن ۽ بدن جا فالتو ترازو پڻ آهن.

دل جي اکين سان ٻڌل ڪتو پونڪندو آهي ۽ مان چور پڪڙي وٺندي آهيان. منهنجي گهر ڪڏهن ڪو چور ناهي آيو. اکيون ورهائڻ باوجود ڪيڏيون تاريڪ آهن..... اخلاقي طور تي منهنجا چپ هميشہ کان ڪُوڙا آهن.

**سليم!** هي منهنجو آخري قيام آهي ۽ ماڻهو رازداري ۾ مصروف آهن مڪمل طور تي مسڪرائي چڪي آهيان ۽ زبان جي علم مان وچڙي وئي آهيان. ڪنڍن جي هڪ لباس سان ڪيترا گل مرندا هوندا. ميرا حرف اکيون وجائي ويهندا آهن.

اها چانهہ جي پيالي اڄ تائين نڙيءَ کان هيٺ لاهي نہ سگهي آهيان جيڪا مري ويل ڪير مان ناهي هئي. اڄ جا ڪنڊا کُتي ڪري منهنجون اکيون ناهيون ويون هيون، منهنجو جسم هڪ وڻ جيان ترا شيو ويو ۽ مون کي سفر جو ساحل

سڏيو ويو. ۽ ساحل تي ڪير گهر ناهي ٺاهيندو هي صرف سمنڊ جو مذاق هوندو آهي.

ڏرتي الائي ڪيترا انسان چَٽ ڪري وئي آهي پر مون ڪي روز ٻُک لڳندي آهي ۽ هر انسان هرروز ٻُکيو هوندو آهي. منهنجي شاخ مان ڪِريل پن زرد هيا ۽ ڏرتي جو مذهب هيا.

**سليم!** غيب جي کوهن ۾ رسي پونڪندي آهي ۽ منهنجي ٽانڊن سان باهہ ٻڌل آهي. مون کي ڏسڻ ڪانپوءِ هي سڀ ماڻهو شفاف هيا. پوءِ مون انهن جو خمير ڳوهيو ۽ لوڻ کي چيو...... چَک !

باهہ جي تلاش ۾ مون کان منهنجا ڪيئي چراغ وڇڙي ويا جن جي ياد مون کي سياه ڪندي آهي. ۽ خاموشي مون تي ٺوڪون ڪندي آهي. سڀ اُجارا ورهاڱي لاءِ تيار آهن پر پاڻي جو وياج صرف مٽي هوندو آهي.

**سليم!** لڳي ٿو خدا تنها ئي هوندو آهي...... منهنجي گهر جي شيخن مان ڪيترن ڪُتن جي زنجير نهي پوندي....... ٿورو حساب ڪر.....

راندڪا جو مقدر وڏ ڪان وڏ ٽُٽڻ ئي هوندو آهي. ۽ خدا جو مقدر وڏ ڪان وڏ غضب آهي. هي سناٽو هڪ نئين قيد جي پيروي ڪندو.

**سارا شگفتہ**

## ثروت سلطانہ جي نانءُ خط

**ثروت !**

ڪَتي ....

ڪيترن ڏينهن کان ملاقات ناهي ٿي. پوءِ سوچيندي آهيان تون مصروف هوندينءَ، ڪجهہ ڏينهن پيا سَهي.... مان توکي اداس ڏسندي آهيان تہ ڏکن سان هڪ پي اڪ اچي ملندي آهي ۽ چوندي آهي

”سارا! تنهنجي ثروت ڏاڍي اداس آهي“

ڇا ڪيان دوست؟ ڏکن جي ورهاست نٿي ٿئي نہ تہ اسانجون زمينون الاٽ ٿي وڃن ها تون پاڪستان ۾ پھرين ڇوڪري آهين جنهن کي مان پنهنجو دوست چئي سگهان ٿي. ۽ منهنجي خوش قسمتي هي آهي جو تون منهنجي دوست آهين.....

خدا توکي سُک ڏي ۽ تون پنهنجي قلم مان ”اڪيون“ لکين.... مان اڪثر تنهنجي باري ۾ سوچيندي آهيان ۽ تنهنجي لاءِ پريشان رهندي آهيان پر ڇا ڪريان.....!؟

اداسي جو هڪ سمنڊ منهنجي پيڙيءَ ۾ اچي ويهي رهيو آهي. سوچيان ٿي توکي سِتار (تنبورو) ۾ڏايان پر سِتار جو هٿ ڪٿجي ويو آهي. زندگي ۾ مون کي ڪڏهن ايئن نہ چاهيو جهڙي ريت تون مون کي چاهين ٿي.

سارا شگفتہ

## راجندر سنگهہ بيدي جي نانءُ

**بيدي!**

مان هڪ جاهل ڪنواري آهيان! سامهون منهنجي آڳر تي منهنجي ٻار جا قدم لڪيل آهن ۽ ان جي قدم جي لڪيرن تي مان ان جي پيءُ جو نالو ناهي لکيو. سوچيم پهريان توکي خط لکان.... پوءِ متي کي پڙهان..... تنهنجي زنده تحريرون ۽ وقت جي ڪشڪول ۾ تنهنجي اڄ جي ڏينهن ۾ هڪ ”ڏکهي ڇوڪري“ آهيان. منهنجي ڏاڏي صدين کان ڏسي رهي آهي تہ مان اميد سان آهيان. پر مون وٽ ڪو جسم ناهي ٿي سگهيو. منهنجي ماءُ هڪ پوڙهو ديوتا جنم ڏنو آهي جيڪو روز مون سان همبستري جي ڪوشش ۾ رهندو آهي پر مان ڪنواري ئي رهجي وڃان ٿي....

**سارا شگفتہ**

■

## عطيہ جي نانءُ

**عطيہ!**

زندگي پنهنجي ٽڪڙا ڪٽي ڪٽي ڏيندي رهي ۽ موت هڪ سنسار....

پياري دوست.... توکي ڇا ڏيان؟ ڏس ! منهنجي اسباب ۾ نہ روح رهيو آهي. نہ ئي ڪو بدن..... مان اڄ ڏاڍي اذيت ۾ آهيان، اها اذيت جيڪا ڪنوارين تي لازم آهي پر مون تي نہ..... مان ڇا ٿي وئي آهيان.... عطيہ ! ڳوڙهن کان اڳ ۾ مان خاڪ ٿي وڃان ٿي.... اڄ تہ پنهنجن ڏاندڻ جي ٽنڊي ٽيڻ تائين تہ جيءُ وٺون.... پر لڳي نٿو.... زندگي اسان جا رانديڪا ڪڍهن بہ ٽوڙي نٿي سگهي. پر هي رانديڪا اسان کي ضرور ٽوڙي چڪا آهن هي ٽٽل رانديڪا عطيہ! اڏ منهنجي ٻارن کي اڏ سعيد کي ڏئي ڇڏجانءِ.....

اڇڻ وارن ڏينهن ۾ مان توکي بوڪ شيلف ۾ ملندس ۽ تون بہ مون کي اتي ئي ملندينءَ.....

**سارا شگفتہ**

# هڪ هئي سارا
# هڪ هيو سعيد !

**سعيد!**

جهڙي ريت تو منهنجو ساٿ ڏنو اهڙي ريت ڪنهن نہ ڏنو. ان ڪي مان ڪڏهن وساري نٿي سگهان. توهان جي اعليٰ ظرفي مون کي متعارف ڪرايو. ڪڏهن دل ۾ اهيو خيال نہ آڻجو تہ توهان جي ڪري مون کي ڪو ڏک پهتو هجي..... جيڪڏهن ڪڏهن منهنجي بيوقوفي جي ڪري پهتو بہ هجي تہ ايترو ضرور چاڻجو تہ ان ۾ منهنجي نيت جو دخل هرگز نہ هوندو.....

منهنجا قدم انڌيرن جي نذر ٿي وڃن ها.... منهنجي گهر ۾ جيڪي گُل مسڪرائڻ لڳا آهن اهي اوهان جي ڪري آهن....

اميد آهي زندگي جيڪا منهنجي ٿوري گهڻي رهجي وئي آهي ان کي گذارڻ ۾ ساهہ کڻڻ ۾ منهنجي مدد ڪندي..... ساٿ ڏيندي..... منهنجي دل ۾ اوهان جي لاءِ جيڪي عقيدت جا گل ڦٽي آيا آهن تہ مان مهڪجي وئي آهيان نہ ڄاڻ الائي ڇو......!؟

ياد رهي...... خوشامد جي مان سخت خلاف آهيان زندگي ۾ بعض محرومين جي ڪري اهيا شيءِ رهجي وئي آهي. مان تہ ڪنهن ٻِتر کي بہ تڪليف ناهيان ڏيندي..... يعني جذبن کي.

توهان تہ مون ۾ انساني قدرن کي پيدا ڪيو آهي. ۽ انساني سطح تي مون سان ملاقات ڪئي آهي.

بقلم خود

**سارا شگفتہ**

**سعيد!**

”ڳالهہ، وقت جي ننگي جسم تي ڇو ٿي اڃي؟“ توهان جي انهن لفظن کي مون پنهنجي پوري ٿڪاوٽ سان پڙهيو. ڳالهہ جسم جيتري هجي ها تہ قلم جي مس کي پنهنجي تحرير جي بينائي سان ڪڏهن بہ حاملا نہ ڪيان ها..... ردي جي بدن کي تہ عالمن بہ پنهنجي گهر ۾ نہ رکيو. پر توهان ايئن ڪيو، توهان وٽ انسان جي وڏي سچاٽپ آهي. ۽ منهنجي لاءِ اهيا ئي وڏي ڳالهہ آهي. مان توهان وٽ فقط هڪ ڳالهہ جي لاءِ ننگو بدن ڪٽي بہ آيس.... هي بہ سچ آهي پر هلندي هلندي نہ ڄاڻ ڪنهن روز مان بدن جي لٽ جي ٽيڪ کي ڇڏي توهان سان گڏ روح جي لٽ سان هلڻ لڳس.... ۽ اهيو سچ آهي..... رهي ڳالهہ وري وقت جي ننگي جسم جي.......... منهنجي گهڙي جي مطابق وقت جي صليب تي لوهي ڪوڪن جو شور آهي.

موت راهگذر کان وڌيڪ اهميت نٿي رکي. ايئن سمجهو انسانن خدا جي عبادت ڪئي آهي ۽ مان انسانن جي عبادت ڪئي آهي. ۽ منهنجي ڪا بہ رياضت گبنذن تائين گونجي نہ هئي.... اسان تہ پنهنجي فرشتن کي بہ نيڪ رکيو تہ بدي جو فرشتو وڏو چغلخور هوندو آهي.

مون مردن کان هميشہ نفرت ڪئي آهي. انهيءَ جي وجهہ منهنجو پيءُ آهي. اهيا ڳالهہ سڄو برصغير ڄاڻي ٿو. پر مان اڄ اهيا ڳالهہ لکان ٿي.

سعيد! منهنجي دل ۾ تو لاءِ بي پناهہ محبت جاڳي پئي آهي. لڳي ٿو تو مون کي منهنجي روح تائين سجائي ڇڏيو هجي. اهڙو وجدان تو منهنجي اندر ۾ پيدا ڪيو آهي جو هر شيءَ انڪاري لڳڻ لڳي آهي. ايئن ڇو پئي سوچيان؟ ۽ پنهنجي ئي ڪنهن ڪمي جي ڪري ڊڄي وڃان ٿي.

سارا شگفتہ

**سعيد!**

تنهنجي قدمن جي سچائي، منهنجي متي ڪتي ورتي آهي. وجد جو ڪوئي اهتمام نہ ڪندو آهي. سعيد! سارا جو اهڙو ئي وجد آهي، منهنجي خاموشي ڪي تون پنهنجي مُٺي مان ڪيرائي نٿو سگهين. مان تنهنجي لاءِ آهيان، واري جي اُڃ سمنڊ نٿو لاهي سگهي انساني قدم لاهيندا آهن. مان واري هيس تون سمنڊ تي هلندي منهنجي تخم ۾ پنهنجا قدم رکي ڇڏيئي، مون ڄاتو هي قدم ئي منهنجو سفر آهي. سوچ...... قدم ڪڏهن ناهي ٿي، جڏهن ڪان سعيد تون منهنجي دل ڪي پنهنجي زبان ڏني آهي.

**سارا**

■

**سعيد!**

منهنجو اڌورو وجود ڇا توکي هميشہ پڪاريندو رهندو؟ ڇا مون کي پنهنجي اڌ وجود سان سڄي رات جاڳڻو پوندو؟ هي ڪهڙي ڪيفت آهي .... سعيد! مون ڪي ۽ منهنجي رات ڪي الڳ الڳ قيد ڪري ويندو آهين، هي ڪهڙي تارازي آهي، جنهن جي هڪ پاسي منهنجو اڌ وجود ۽ ٻئي پاسي منهنجي اڌ رات تڙپندي آهي.؟

مان تنهنجي انتظار جي چِتا پرستي ٿيڻ پنهنجي معراج سمجهنديس سعيد! تو مون ڪي چِتا جي دهوئين ڪان انسان بڻائي ڇڏيو......

**تنهنجي سارا**

■

**سعيد!**

تون هليو ٿو وڃين تہ انهيءَ خوف سان سوچون پنهنجون اکيون جهڪائي ڇڏين ٿيون. ۽ سوچن جو بہ انتظار ڪرڻو پوي تہ انتظار جي باطن ۾ ڪهڙي تلاطم آهي؟ ڪو بہ سپهہ سالار پنهنجو ميدان ۾ گهوڙو فروخت نہ ڪندو آهي. سوچن ڪي لفظ لفظ ڪري ڇڏيان تہ منهنجو ڪتاب وڃائجي ويندو سعيد! يقيناً اسان جو سفر ان ڪان اڳتي جو سفر آهي....

چريا! اسان ڪي هاڻي انڌن لفظن ڪي ڳالهائڻ جو حق نہ ڏيڻ ڪپي. اسان جا ڳوڙها ڇا اسان سان گفتگو نٿا ڪن؟ سچاين ڪان پُڇ مان ڪڏهن چُپ رهي آهيان... مون پنهنجي سعيد ڪي ڪڏهن ۽ ڪيئن نہ تنگ ڪيو آهي. انهيءَ جذبي تي ڪنهن بہ لفظ جي سچائي نٿي گُهران.... تون هليو ٿو وڃين سعيد تہ گهڙي جي صليب ڪان منهنجو لاش ڪيترا دفعہ ڪِري پوندو آهي..... تنهنجي گهڙي جي ٽِڪ ٽِڪ مون ڪي ايترو بيدار ڪندو آهي جو ننڊ پنهنجي ڪشڪول ۾ سمهي ناهي سگهندي. هڪ ڳالهہ ٻڌايانءِ...... هڪ هيو سعيد...... هڪ هئي سارا...... هو ٻئي هڪٻئي ڪي ايترو چاهيندا هيا جو لفظ ڪٿي بہ گهٽ نہ رهجي ويندا هيا.

ٽيگور جو هڪ گيت ياد ٿو اچي ......

”تون ئي منهنجو سمنڊ آهين، تون ئي منهنجو ناخدا آهين،
مان ڪشتي آهيان، توکي ڪنارن لڳائڻ جو ڇو چوان؟
ٻُڏي بہ وڃان تہ تو ۾ ٻُڏي ويندس،
ڇو تہ تون ئي منهنجو سمنڊ ۽ تون ئي منهنجو ناخدا آهين.“
هي گيت نہ ڄاڻ الائي ڇو سڄو ڏينهن گنگائيندي آهين.

**تنهنجي سارا**

**سعيد!**

رات مون سان گڏ روئي رهي آهي. گهر ۾ سڀ سمهي رهيا آهن، صبح جو ۽ تنهنجو انتظار ڪري رهي آهيان. رات، تون ۽ ڳوڙها..... رات ڪي ڪيترو سجائي ويٺا آهن.....

هڪ سِٽ آهي منهنجي **”اسانجي ڳوڙهن سان اڪيون ٺاهيون ويون آهن.“** ۽ اڄ تون چوين ٿو سعيد! ڇا ٿو چوين سارا جي اکين ۾ ان وقت به ڳوڙها نه هيا، جڏهن سارا جو پار مري ويو هيو. سارا ته ان وقت به نه رُني هئي...

جڏهن لاهور جي قلعي ۾ هڪ ڊڪٽيٽر منهنجي بيحرمتي ڪئي.... هي هڪ وڏي داستان آهي....

سارا ته ان وقت به نه رُني جڏهن ان جو چهرو ماني ڪان وڌو نه رهيو هيو.... حالانڪه جڏهن انسان کي پيدا ڪيو ويو هيو ته ان کي بُک کان افضل ڪيو ويو هيو. منهنجون اکيون نم آهن، ۽ ڳوڙهن جا لاشا منهنجي ئي سيني تي پيا آهن.

رات جي ٿي ٿي رهيا آهن ۽ گهڙي ڇئي رهي آهي سڀ ڪان وڌيڪ فضول خرچ اک هوندي آهي.

اکيون نم ڇو ٿي ويندِيون آهن مون کي ٻڌاءِ.... مان ته سادي ورق ڪان وڌيڪ چُپ رهي پئي سگهان.

**تنهنجي سارا**

**سعيد!**

اڄ تہ ڳالهيون ڪريون .....

تنهنجي سچاين جي اڳيان مان ڏاڍي........ ڏاڍي ميري آهيان سعيد! سچ تہ تون چوندو آهين، سچ تہ تون سهندو آهين، جيڪو ماضي ڪوڙ ڪان شروع ٿيو، ان جو حال سچ ئي تہ هوندو آهي.

**پُٽ سعيد!** گدلي سچائي هڪ ڏينهن سچ جي سچائي بڻجي وئي. ۽ منهنجي گدلي لهو ۾ هڪ ڪنول ڦٽي پيو. ڪنول منهنجي گدلي ظرف کي پنهنجي ظرف سان ڍڪي ڇڏيو، زندگي جي پهرين ڇانوَ ڏسي، پاڻي مان گدلائپ ڪڍي، ۽ شفاف ٿي ويم.....

ڪوڙ جي چوڏاري دُوارن کي پوري سچائي سان چمڪائڻ لڳيس.... مان پنهنجي ڏُيڻ مان نڪتس يا نہ اهيو تون ڄاڻ! ۽ هي سڀ ان لاءِ توکي ڄاڻڻ گهرجي تہ تو هڪ پينو فقيرياڻي سارا شگفتہ کي، پنهنجي ڇِتا مان بيدار ڪيو آهي. ۽ پنهنجي وسيع سيني ۾ ان کي جيئڻ جي تميز سيکاري...... پوءِ ان کي ڳالهائڻ سيکاريو.... تو سچ ڳالهائڻ سيکاريو يا ڪوڙ...... اهو مان ۽ تون ٿا ڄاڻون....! مان اڪثر ڪنڊن تي ڪِري پوندي هيس تون هر دفعي مون کي ڪنڊن تان ڪنيو ۽ تنهنجي رت جا قطره منهنجي بدن تي ڪِرندا رهيا...مان سموري حياتي تنهنجي انهن رت جي قطرن جي حيا ۾ رهنديس....

اڄ وري ٿا ڳالهايون.....

تنهنجي سامهون مان پنهنجي حيثيت کي ڪَک کان وڌيڪ نٿي ڀانيان... جو منهنجو خمير تنهنجي آڳ سان اٿيو ۽ سارا ان کي ڏٺو.... ڇا ڏٺو تہ ان جي ويران اکين کي ڪير ڏسي ٿو..... ان جا خاموش قدم ڪنهن جي دريافت آهن.... هو تنهائي جي ڪال ڪوٺڙي ۾ حقيقت کان وڌيڪ بيدار ٿي وئي... هو هڪ قدم ناهي رهي..... هو هاڻي ٻہ قدم آهي.

مان ٻرن ۾ رهڻ ڇڏي ڏنو آهي، ۽ سڪا ٽُڪڙا گھرن مان چوري ڪرڻ بند ڪري ڇڏيو آهي جو غارن جي تنهائي ڪي تو منهنجي ذهن ڪان ڀَتي ٻاهر ڪيڍي ڦٽي ڪيو آهي. مان اونداهين ۾ ڏڙڪڻ لڳي هيس، تنهنجي انسيت ايتري هئي جو تو مون ڪي منهنجا مذهب ٻڌايا.... تون منهنجي بدن مان ميخون ڪيڍيون ۽ طلسماتي حصو ٽوڙيو..... مون ڪي خبيث روحن جي مڪان ڪان ڇوٽڪارو تو ڏياريو...... مون ڪي منهنجي اصل ڪان آگاهہ ڪيو.

هلو ڀيهر واپس ڳالهيون ٿا ڪريون....

جڏهن منهنجي زبان رڪجي ويندي آهي تہ تون منهنجي خاموشي ڪي هڪ آواز ڏنو. حالانڪہ ان وقت تہ توڪي معلوم هيو تہ مان ڳالهايو تہ پرائي آواز ۾ ڳالهائيندس، انڪانپوءِ بي شمار پراين حالاتن تي پرائي آواز سان ڳالهائيندي رهيس..... تون پوءِ بہ پرايو نہ ٿئين... تو مون ڪي آواز ڏنو تہ ان وقت مان ڪوڙ جي بي شمار پٿرن جي هيٺيان دٻيل هيس، ۽ تنهنجو آواز ٻُڌي هڪ هڪ پٿر ڪي پري هٽائيندي ويس تنهنجو آواز زبان تي رکڻ سان منهنجي پٿر جي زبان بہ نيڪ ٿي وئي..... تو مون ڪي ايتري شڪتي ڏني جو مان پنهنجي بساط ڪان وڌيڪ زنده ٿي وئي ويس.....

ٻُڌ! تنهنجي آتما سمنڊ آهي جو هڪ لهو ٽڪڻ واري عورت جي زخم ۾ سِندُور ڀريو..... زندگي جو سِندُور.... مون ڪي پنهنجي پناهہ ۾ رکيو..... تو منهنجي پٿرن ڪي بہ موسم عطا ڪيو.... منهنجي پٿريلي روح ڪي تو ذرو ذرو ڪري ڇڏيو... مون ڇا ڪيو زهر ڪائي ڇڏيو ۽ توڪي اذيتن جي انتها تي رکيو....

”پنهنجي انهيءَ موت تي شرمنده آهيان“

اڄ جي ڳالهہ آهي تو چيو ”جيڪڏهن مون انتهائي قدم کنيو تہ سڀ ڪجهہ ڀسم ٿي ويندو..... پاڇولن جي مقدر ۾ ڪڏهن ديوار هوندي آهي ڪڏهن آڳر.....

**سعيد!** جهڙي ريت چانورَ ۾ سج کي قيد نٿو ڪري سگهجي اهڙي ريت مان بہ اڄ تائين...... اڄ تائين...... هڪ نہ هڪ..... ڪا نہ ڪا پرواز رڪان ٿي. تو منهنجي ڏکن جي بہ عبادت ڪئي آهي. ٿورو سوچ! پُٽ ! مان تنهنجو گهر.... پوءِ هڪ گهر نہ بلڪ بہ گهر برباد ڪري سگهان ٿي؟

سمجهڻ ۾ ايتري شڪتي ناهي.... مان اڄا ايتري ناهيان مري.... مون کي توکان وڌيڪ تنهنجي گهرواري، منهنجي عورت، تنهنجا ۽ منهنجا ٻار ۽ پيڻ زياده عزيز آهن. مان انهن جي خوشين کي ڪسي نٿي سگهان..... منهنجي سچائي فوٽ پاٿي سچائي آهي. ۽ ٻي گهرن جو سڀ کان وڌيڪ سچ..... گهر هوندو آهي.....

”انسانن کي پاڻڻ، ڏکن جو احترام ڪرڻ گهرجي..... جيڪو انسان پنهنجي ڏکن جو احترام نٿو ڪري، تہ قربان گاهون ان جو احترام ڪرڻ وساري ويهنديون آهن.“

ڪالهہ جي ڳالهہ ”مان جيڪو ڪجهہ ڪمائيندس، ان مان اڌ تنهنجو هوندو“ **سعيد!** مون کي دولت..... پراپرٽي..... کان شديد نفرت آهي. مان ڇا ڪنديس ايترن سارن سِڪن..... پيسن جو..... مون کي ايتري رقم جي ضرورت ناهي.... منهنجو وقت ايترو قيمتي ناهي، مان هڪ معمولي پينو فقيرياڻي آهيان، چار ڏينهن کان پوءِ ماني جي ضرورت پوندي آهي، ۽ هڪ گلاس پاڻي جي اُڃ اجهائڻ لاءِ ضرورت پوندي آهي. طبعيت جي خرابي جي ڪري ڪجهہ مسئلن ۾ دير ٿي وئي آهي. مان پوري ڪوشش ڪندس تہ مان پنهنجو پاڻ بنيادي مسئلا حل ڪري وٺان.... تون دعا ڪجانءِ!

تنهنجي عظيم جذبي کي مان دلي طور خراجِ تحسين ٿي پيش ڪريان تہ تنهنجو هي رويو معمولي رويو ناهي.... مان تنهنجي انهيءَ جذبي جي قدر ڪريان ٿي....

**تنهنجي شگفتہ**

■

# امرتا پريتم سان سارا جي پهرين ملاقات

سارا شفگتہ جي امرتا پرتيم سان پهرين ملاقات 1980ع ۾ ٿي هئي، جڏهن سارا پهريون ڀيرو هندوستان وئي هئي.

**امرتا!** مون پري پري تائين عورت کي صرف سُتل ڏٺو آهي، ۽ اهيو ڄاڻيم تہ سُتل اک کي جيڪو ثواب ملندو آهي مان ان جي قائل ناهيان. جاڳيل اک هڪ اوبر ٿيل پاٽي آهي مان نٽي چاهيان تہ عورت اوبر پيئي....

مون ان کي وچ ۾ ٽوڪيو.... "سارا جاڳيل اکين مان تنهنجي ڇا مراد آهي؟ جاڳيل اک تہ روح جي آگاهي ڏيندي آهي."

هو کلِي پئي.... چوڻ لڳي: "هن وقت جاڳيل اک مان منهنجي مراد مڙس آهي.... پر امرتا! تون ٺيڪ ٿي چوين..... اهو ئي مڙس جيڪو سُتل اک جو خواب هو، جيڪڏهن جاڳيل اک جي آگاهي نہ هجي ها تہ اوبر پاٽي ڪيئن لڳندو؟ مون جڏهن سُتل اک جي ثواب سان اک کولي تہ گهونگهٽ ۾ چنڊ جا ٽڪڙا ڏٺا.... مون ڏٺو تہ مينڌي منهنجا هٿ رنگي نہ سگهي هئي بلڪ اڇا سفيد (اڇو) ڪري ڇڏيا هئا.... سامهون گهر نہ هيو، خالي ميدان هيو ۽ مان ميدان ۾ جهانجهر پائي نہ ٿي هلي سگهان.....

ايئن لڳو جيئن منهنجي سفيد ڪپڙن تي رنگين ڌاڳن سان منهنجو ڪفن سبي ڇڏيو هجي..... زخمن کي سبڻ جي ڳالھ تہ تو ٻُڌي هوندي.... پر ڏٺم تہ منهنجي ڪليل اکين کي سبڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.... مون انهيءَ گهونگهٽ ۾ پنهنجي ننڊپڻ ۽ پنهنجي جواني جا ڪپڙا ساڙي ڇڏيا....

مون چيو: "سارا طلاق سچ مچ جهانجهر جي موت آهي."

هوءَ پيهر مسڪرائي ڏنائين، چوڻ لڳي: ”۽ گناهہ بہ..... پر مان پنهنجي گناهن ڪي پنهنجي آيتون سمجهان ٿي..... مگر ماڻهو منهنجي نظمن ڪي صرف طوائف سمجهندا آهن.“

منهنجي وات مان نڪتو: ”خدايا! نظم ڪي طوائف سمجهڻ وارن ڪي مان ڇا چوان.....؟“

سارا چيو: ”مان انهن ڪي خدا جي مري ويل تخليق چونديس، خدا جو مري ويل تصور...... جيڪڏهن نظم ڪي طوائف سمجهيو ۽ چيو وڃي ٿو تہ چاهيندس تہ منهنجي ڌيءُ بہ........ منهنجي ڌيءُ مون ڪي منهنجي نظم کان وڌيڪ پياري آهي، ۽ نظم شاعري منهنجي ڌيءُ آهي.“

حالانڪہ منهنجي ڌيءُ مون کان ڦُري وئي آهي. هي قانوني فيصلو نہ هيو. ڌيءُ جي پيءُ هٿ ۾ قرآن پاڪ کڻي مون سان واعدو ڪيو هيو تہ عيد ڪانپوءِ ڌيءُ واپس ڏئي ويندس..... پر ان موٽائي نہ ڏني.... هاڻي قرآن ڪي آزمائي رهي آهيان تہ هو پنهنجي عظمت ڪڏهن ڏيکاريندو.....؟

## سارا شگفته جا امرتا پريتم ڏانهن لکيل خط

**سارا شگفته جو پهريون خط جيڪو 16 سيپٽمبر 1980ع ۾ امرتا کي لکيو.**

**امرتا باجي!**

منهنجا تمام سچ اوهان جي نانءُ !

منهنجي پڪين جي شام بہ چورائي وئي آهي. اڄ ڏک بہ ڇڻ رُنل آهي. چوندا آهن فيصلا ڪڏهن بہ فاصلن جي حوالي نہ ڪجن.... پرمون تہ اڄ تائين فاصلا ڏنا ئي ناهن.... هي کهڙو آواز آهي، جيئن ڪا رات سڙيل ڪپڙن ۾ گهمي رهي هجي.... جيئن قبر تي ڪو اک رکي ويو هجي..... مان پيت سان گڏ ڪيترا ئي ميل سفر ڪيو، ۽ انسانن کان آزاد ٿي ويس. قدم قدم تي گهونگهٽ جي فرمائش آهي پر منهنجي ويجهو شرم هڪ اونداهي آهي. شرم ڇا ٿيندي آهي؟ شرم مُئل غيرت هوندي آهي. جسم کان علاوه مان شعر بہ چوندي آهيان..... شهوت ۾ غرق ماڻهو مون کي داد ڏيندا آهن تہ منهنجا گناهہ پري اٿندا آهن. اُس کي باهہ لڳي آهي، ڪپڙا ڪتي سُڪايان؟ چٽنگين جي مقدر ۾ باهہ ضرور لڳندي آهي.

**امرتا باجي!** دل ڏاڍي اداس آهي. سو اوهان سان ڳالهہ ڪري ورتم.... اڄ ڪلهہ مون وٽ صرف ديوارون ۽ وقت آهي.... اسان تہ توهان جي محبت ۾ ڪنارن کي وڃائي ڇڏيو ۽ سمنڊ جي حامي ڀري ورتي.... موسم جي قيد ۾ منهنجو لباس ڇو رهي؟ مان صدين جي ماءُ آهيان... منهنجي رات ۾ داغ صرف چنڊ جو آهي.... اڪيون مون کي ڇو ٿيون ماپن؟ ڇا انسان جي جسم ۾ ئي سڀ راز رهجي ويا آهن؟ دعا جيڪڏهن زهر بڻجي پوي تہ خدا وٽ پُٽ پيدا ٿيندو آهي. منهنجي ڏک تي خدا چيو تہ "مان تنها آهيان"

مٽي ٻولي لڳائيندي آهي موسم جي، سچ اهيو آهي تہ ڪائنات جي خاتمي تي جيڪا شيءَ رهجي ويندي اهو صرف وقت هوندو..... مان پنهنجي رب جو خيال آهيان، ۽ مُئل آهيان....

**سارا شگفته**

22 مئي 1981ع

لياقت اسپتال ـ ڪراچي

**امرتا!**

ڏاڍي بيمار آهيان، اليڪٽرڪ شاڪ سان علاج ٿي رهيو آهي. اعصابن تي ڏاڍو اثر پيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هٿ ۽ زبان ڏڪڻ لڳندا آهن. هاڻي جسم بہ شايد معذوري جي حالت ۾ آهي. وارڊ ۾ ڪير ڪنهن سان نٿو ملي. سڀ وچڙي رهيا آهن. مان هٿ ڏگهيري خاموش پئي آهيان.....

امان ٻڌائيندي آهي تہ جڏهن مون کي دورو پيو تہ مان بيهوش ٿي ويس.... ان ڪانپوءِ رڙيون ڪرڻ لڳس ۽ چار ڏينهن تائين ڪنهن کي سُڄاڻان نہ پئي.... رات جو هلندي رهندي آهيان ۽ دير دير تائين هلندي آهيان.... پيو تہ ٺهيو هاڻي تہ گهر جو رستو بہ وسري ويندو آهي.... چهرا ياد نٿا رهن، شعر لکندي چوندي آهيان تہ الائي ڇا لکڻ ويٺي هيس، الائي ڇا لکي رهي آهيان....

رپورٽ پڙهيم تہ دماغي رپورٽ ۾ لکيل هو...... اڳتي دورو خطرناڪ ٿي سگهي ٿو....

سارا شگفتہ

16 جون 1981ع

**امرتا!**

ڇا لکان.... هڪ لفظ فروش وٽ ويس.... چيائين: ”سارا ڏاڍي بيمار پئي لڳين....“

لفظ ماري ڪي نہ ڪٽي نہ مون کي پڇائڻو هوندو آهي نہ! چوڻ لڳو: ”فلان جي گھر واري چئي رهي هئي تہ شاعره تہ سُٺي آهي پر رئي سنڀالڻ جو عقل ناهي....“

منهنجو تہ جنم ئي بي ترتيب آهي، وجود ۾ تہ صرف خالي مٽي لڳل آهي. ڇا چوان.... گھر ماپيان ٽي تہ سِر هٿ ٽي اچي.... موت جھڙي مسڪراهٽ آخري چھرو رکي ٿي.... هڪ تنهائي.... پيو ڪتاب..... کھڙي زبان رکي ٿي.... آخر انسان وڏي بہ ڪيئن سگھي ٿو.... انسان کي ترتيب ڏيندي ڏيندي مان تہ حرامزادي ٿي ويس.... ڇا مسجدن جون سِرون چورائي نٽيون وجن؟ هي دنيا لفظن مان معنيٰ چرائڻ وارن جي دنيا آهي. محبت لفظ مان بہ معنيٰ چورائي هن لفظ کي ڪپائن ٿا... دين.... ايمان..... مذهب...... ۽ ادب.... کھڙو اهڙو لفظ بچيو آهي جنهن جي معنيٰ کي چورائي هنن لفظ فروشن ان کي فروش نہ ڪيو هجي.....

**امرتا!** طبعيت ڏاڍي خراب آهي... هڪ مهيني کان سُتي ناهيان، ڪنهن وقت بہ دورو پئجي سگھي ٿو. انسان ان وقت لکندو آهي جڏهن ان وٽ ان کان علاوه پيو ڪو رستو ناهي هوندو... منهنجي ابتدا بي ضميري سان ٿي انکري پوري زندگي ضمير کي تلاش ڪندي رهيس.... ڪجھ بہ تہ ناهي مون وٽ..... قلم جي نوڪ پنهنجي دل ۾ پوڙيان ٿي ۽ لا شعور لکان ٿي... مون تہ اڃا قلم کي پڪڙڻ سکيو ئي ناهي....

**سارا شفگتہ**

■

15 نومبر 1981ع
**امرتا!**

احمد سليم کان علاوه پاڪ ۾ پيو ڪو انسان ناهي جنهن سان ڏينهن گهاري سگهان.... ان ڪي وڏيڪ تنگ بہ نٿي ڪرڻ چاهيان... ان کان علاوه ٻئي ڪنهن سان ملڻ لاءِ دل نٿي چاهي، تنهائي جي پيپر جي ترٻيءَ تي خاموشي ڪي رکي مان پاڻ ڪي ٻڌي رهي آهيان.

هن وقت تائين مون ڪي 21 اليڪٽرڪ شاڪ لڳي چڪا آهن. ڪڏهن ڪڏهن تہ گهڙي جي مقدار کان بہ وڏيڪ وحشت ٿيڻ لڳندي آهي. پر مان هڪ وڻ جيان بيٺي آهيان. نہ خاموش آهيان نہ هلي ٿي سگهان.... ڪاغذ کان وچڙڻ وارا زمين کان ڪڏهن وچڙندا آهن؟ لڳي ٿو قلم ۽ ڪاغذ ٻئي وئي آهيان ۽ انسان وساري رهي آهيان.....

منهنجو صرف هڪ انٽرويو ڇپيو آهي، جڻ گناهن جي نبوت ملي وئي هجي... جيڪڏهن منهنجو ”زندگي نامو“ ڇپجي وڃي تہ گهٽ گهٽ ۾ محشر جي روز منهنجي اڪيلي قبر جو اڪيلو خدا هجڻ گهرجي.... ڪٿي فرشتا منهنجي وس ۾ نہ اچي وڃن....

ڇا لکان؟ گذريل ڏينهن ۾ هڪ صاحب چيو: ”سارا تہ پليت لفظ لکندي آهي، ان ڪري انجي شهرت آهي ۽ مرد انهي جي ڪري ان ڪي داد ڏين ٿا ۽ ڪلام ٻڌن ٿا.....“

مون ڪي لکڻ مان فرصت ملي تہ مان شهرت ڪي ڏسان..... هڪ ٻيو صاحب چيو: ”ادب ضمير کان پيدا ٿيندو آهي“

هڪ تنقيدي بيٺڪ ۾ هڪ جملو ڪجهہ هن طرح جو هيو: ”سارا! پنهنجي جسم ۽ پنهنجي شاعري ۾ ڪجهہ تميز پيدا ڪر....!“ هي محض هڪ گار هئي.... جيڪو مون برداشت ڪيو.... ۽ پوري ڪوشش ڪيم بس صرف ايترو

چيم تہ: ”صاحب! مان تہ بي ضميري لڪان ٿي مون کي معلوم آهي تہ تميز ۽ ضمير ڇا کي چوندا آهن؟ ان جي لاءِ منهنجي نظمن تي صرف بي ضميرن کي حق آهي.....“

هڪ ڏينهن هڪ شاعر چيو: ”نماز پڙهندي ڪر“

حالانڪہ ان جو قد جانماز کان بہ گهٽ هيو. پوءِ هڪ نقاد چيو: ”ڏيءُ.... هي لچڙ سٽا ناهن....“ ۽ رومال مان پنهنجي ڳِگ صاف ڪرڻ لڳو.

ڪنهن ٻئي چيو: ”ٻنا ڄار جي مڇي آهي، پر مان تہ پيٽ ڇٽي ويٺو آهيان، هاڻي توهان ڄاڻو....“

هي عالم، هي ڪمرن جا باشندہ هي نقاد، هي شاعر، هي اديب، هي عزتدار پنهنجي قد کان بہ گهٽ نسل جا ڪُتا آهن.

سارا شفگتہ

1982ع

**امرتا!**

ضمير ڪان وڌي بي ضميري تائين جو سفر منهنجو پنهنجو آهي. طلاق ڪانپوءِ مان پنهنجي ماءُ جي گهر نہ ويم.... بلڪہ هڪ بيوهہ عورت جو ڪمرو ڪرائي تي وٺي ڇڏيو.... ڪجهہ ڪتاب هيا مون وٽ.... ڊگري هئي، مون وٽ چادر تائين بہ نہ هئي..... ان عظيم بيوهہ مون کي بستر ڏنو.... هي تہ هر فقير کي ملي ويندو آهي. پر ان جي سڀ کان عظيم ڳالهہ اهيا هئي تہ ان هڪ اڪيلي عورت کي گهر ڪرائي تي ڏنو، هونئن عام طور تي هڪ اڪيلي عورت اهڙي ريت گهر يا ڪمرو ڪير ڪرائي تي ناهي ڏيندو....

منهنجي مڙس مون کان پار ڪسي ڇڏيا هيا، منهنجو هر عذاب زمين تي وهندو رهيو.... مان ٿي انسان ڄڻڻ ڪانپوءِ بہ اڪيلي هيس... تہ مٽي کان وڌيڪ بُکايل هيس.... رات کان پهرين چنڊ نڪري اچي تہ داغ لڳي ويندو آهي. سچ پنهنجا چنبا آهستي آهستي بند ڪري رهيو هو جڻ اڪيلي دعا خدا کي ڳولڻ نڪتي هجي.... اکين جي ڪينچل سان منهنجو لباس سبيو ويندو هو.... ڏک بہ نابين ٽيڻ لڳا هيا... قافلن جون گهنٽيون هڪ اڪيلي عورت کي ايترو تہ ڊڄارين ٿيون جو خوف پٿر ٽيڻ لڳو آهي....

منجهند جو ماني نٿي گهر ان، اکين جهڙي ڪاري رات بُک کي نابينا ڪري ڇڏيو آهي. خواهش جي پهرين گهڙي منهنجا ٽاڪا کولي ٿي ۽ منهنجي ڪپڙن جا رنگ پاڳل ٿي ويا آهن.

رستن جي اڌ جُتي سان منهنجي عورت جا پير ننگا رهڻ لڳا آهن، بينائي جي تابوت جون ميخون هاٿي ٽُٽڻ لڳيون آهن. منهنجي ڏک جي پراڻي قبر تي روز نئي مٽي وجهي ٿي وڃي تہ انسان ان کان وڌيڪ موت کي ياد نٿو رکي سگهي.....

منهنجي زبان رانديڪا ٺاهيندي ۽ منهنجي رت مان لغر اڏامندا پر منهنجي ٻارن وٽ سڳو ناهي.... انهن جي ڪپڙن مان سج ضد چورائي ڇڏيو آهي. ٻارن وٽ سج جو آخري رنگ بہ ناهي.... ۽ ٻارن جي هٿ تي سج جو رت رهجي ويو آهي....

مون هن شهر ڪي ماءُ جيان پاليو آهي، هن وقت بہ جيڪڏهن ڪير اڌ رات جو منهنجي گهر جو دروازو کڙڪائيندو تہ سارا شگفتہ گهر مان نڪري پوندي.... منهنجي محبت ۽ منهنجي ايثار ڪي ماٺهن هميشہ غلط رنگ ۾ زمين ڏني....

**سارا شگفتہ**

12 اپريل 1982ع

**امرتا!**

دشمنن، منهنجي ٻارن جي دل ۾ عزت جو ٻج ڇٽي ڇڏيو آهي.... هڪ ڏينهن مان پنهنجي ٻارن جي اکين ۾ پاڻ لاءِ نفرت ڏٺي.... مون کي يقين نہ آيو.... هي مان برداشت نہ ڪري سگهنديس..... ڇا منهنجي سچاين جو ڍل مون کي پنهنجي ٻارن کي بہ ڏيڻو پوندو....!؟ جن جي لاءِ منهنجي اکين ۾ ڳوڙها ناهن..... هٿن ۾ ڪا دعا ناهي.... ڇا اهي مون کان ايترو وڇڙي چڪا آهن؟ ها امرتا! روايت ۽ سوسائٽي جو زهر اهي عزت جي پيالي ۾ پيئڻ لڳا آهن...

عزت جي بين تہ مان نڊيڻ کان ٻُڌندي پئي اچان.... ڪاش منهنجا ٻار مون وٽ هجن ها.... مان انهن کي سچ تي رستي تي هلڻ سيکاريان ها.... جڏهن بہ مان ٻارن سان ملڻ ويندي آهيان تہ مون کي لڳندو آهي تہ انهن ٻارن جي دل ۾ ماءُ جي ڇڻ قبر هجي..... پهريون خوف ٻارن جي دل ۾ اهيو وڌو ويو تہ ”هي توهان جي ماءُ غير مردن سان ملندي آهي، ڳالهائيندي آهي ۽ سگريٽ پيئندي آهي....“ پيو خوف جيڪو ان جي عمر کان وڌو آهي..... اڃا منهنجي ٻارن جو قد منهنجي گريبان کان ننڍو آهي.....

امرتا! مان ٻارن جي لاءِ اکين کان وڌيڪ تڙپي آهيان.... جيڪڏهن ٻارن وڏو ٿي ڪري ”ماءُ“ جي علاوه ڪو ٻيو لفظ چيو تہ سارا تہ پنهنجي قبر ۾ بہ نہ لهي سگهندي..... انسانن جا داغ ڌوئيندي ڌوئيندي منهنجا هٿ ڪارا ٿي پيا آهن.... مان ضمير کان وڌيڪ جاڳي پئي آهيان .... خاموشي منهنجي دل آهي پر سمنڊ کان وڌيڪ شور مچائڻ چاهيان ٿي.... مان ننگي سچ کان وڌيڪ خوبصورت آهيان پر سياه پوش آهيان....!

ڪڏهن ڪڏهن ذهني توازن بگڙجي وڃي ٿو.... گذريل ڏينهن ۾ اليڪٽرڪ شاڪ لڳا تہ طبعيت ڪجهہ بهتر ٿي.... ان ڪان وڌ موت بهتر آهي.... پر خدا پنهنجي شڪار کي ايترو آساني سان نٿو ڇڏي..... مان خدا جي زبان مان ٿتل هڪ رانديڪو آهيان....

هڪ ٻي ڳالهہ !

ٻن ڏينهن کان لڳاتار لکي رهي آهيان... تہ ڪمري ۾ ڪافي ردي جمع ٿي وئي آهي... منهنجي پيءُ ردي جمع ڪري ٻاهر اڇلائڻ لڳي.... ايتري ۾ امي اچي وئي پيءُ کي چيائين: ”ڪاغذ ٻاهر اڇلائي ڪري محلي ۾ اسانجي عزت خراب ڪندينءَ، هنن ڪاغذن کي جلائي ڇڏ....“

ها امرتا! منهنجي ڪمري مان جيتري ردي نڪرندي آهي، امي سڀ جلائي ڇڏيندي آهي ۽ چوندي آهي ”تون ننگا ۽ بيهوده لفظ نہ لکندي ڪر....“

۽ پوءِ مان لفظن کان وڌيڪ خاموش رهڻ لڳندي آهيان.... هي مان ڪهڙي سنسار ۾ اچي وئي آهيان امرتا!؟

پُٽ ڏسي تہ نفرت.... ۽ ماءُ منهنجي چِتا کي باهہ ڏيڻ لاءِ آس لڳائي ويٺي آهي.... پائرن چون ٿا ..... هي پاڳل آهي، نہ تہ هوش ۾ انسان ايترو ٿورئي لکي سگهي ها.....!

گهروارن کي ۽ هن نام نهاد سوسائيٽي کي مون سان شڪايت آهي تہ مان پنهنجو گهر نہ ٿي وسايان.... پر مان چوان ٿي..... امي جان! مانيون تہ هزارين عورتون پچائن ٿيون ۽ پوءِ پنهنجي ئي جهنم ۾ مري وڃن ٿيون.... مون کي ڪٽڪ کان وڌيڪ انسان جي تلاش آهي.... مان ايترو پري ڇو وڃان....؟ منهنجي ماءُ جي مڙس ۾ شاديون ڪيون ۽ منهنجي ماءُ سٺ سال روئي گذاريا..... هي تعلق جو ڪهڙو قسم آهي جو عورت ۽ مرد جبر جي حالت ۾ ستر ستر سال گذاري ڇڏين....!؟

حالانڪ اسلام ۾ آهي تہ ”جيڪڏهن مومن جي دل ۾ ڪيڙو آهي تہ پوءِ هر تعلق حرام آهي.“ ۽ هڪ ٻي حديث ۾ آهي تہ ”جبر جي ماحول ۾ پڪي بہ پنهنجن آڪيرن ۾ مري ويندا آهن.“

**امرتا!** ڪو مندر، ڪا مسجد، ڪا گرجا اهڙي ناهي جتي مان پنهنجي ڪپڙن مان نفرت ڪي ڌوئي سگهان..... مان ڪمري ۾ پنهنجو آواز وساري ويٺي آهيان..... منهنجي بدن تي پڪي نٽا ٻولين.... منهنجي ساهن ۾ سج ٻُڏي رهيو آهي.... مان اکين ۾ پُوري وئي آهيان....

**امرتا!** مان هتي ڪنهن سان ناهيان ملندي.... احمد سليم سان ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي آهي. تمام گهڻا ماڻهو مونسان ملڻ چاهين ٿا.... پر مان پاڻ ملڻ پسند ناهيان ڪندي.... هي سڀ ڪوڙ جي وَٽ سان مون ڪي ماپڻ، تورڻ چاهين ٿا.... مان اڪيلي گهمندي رهندي آهيان، ۽ ڏاڍي اداس رهندي آهيان، سمنڊ جي ڪناري وجي ويهي رهندي آهيان ۽ سمنڊ سان ڳالهيون ڪندي آهيان..... خاندان جون ڇوڪريون بہ مون ڪان پري رهنديون آهن، انهن ڪي سختي سان منع ٿيل آهي.....

ڏس امرتا! ڪيتري تنهائي آهي؟ ڪڏهن ڪڏهن تہ آسمان ڪي ڏسي ڪري ڪيتري وقت تائين روئندي رهندي آهيان. بدن جي قيد ڪان آزاد آهيان.... ۽ روح ڪي ڪنهن ڏنو آهي... وقت ٿورو رهجي ويو آهي؟ امرتا! مان هلي ويندس..... بدن جي قبر ۾ گهڻا ڏينهن رهڻ سان روح ڪي زنگ لڳي ويندو آهي....

امرتا! منهنجا ٻار هڪ ڏينهن تو وٽ ايندا، انهن ڪي چئجانءِ ”تنهنجي ماءُ خدا ڪان بہ وڌيڪ توهان سان پيار محبت ڪندي هئي، ڇو جو ان تي خدا ڪان بہ وڌيڪ خاموشي سڪي ڇڏي هئي.....“

**سارا شگفتہ**

05 سيپٽمبر 1982ع

**امرتا!**

تون جهڙي ريت محبت سان منهنجي حوصلا افزائي ڪئي آهي، مان انهيءَ محبت سان پنهنجا سڀ دريا تنهنجي مُٺ ۾ قيد ٿي ڪريان....

امرتا..... منهنجي امرتا! هي سڀ تنهنجي محبت آهي..... نہ تہ مان تہ هٿ مان ڪِريل دعا مثل آهيان.... ها امرتا! هاڻي آواز ڪي صرف گنبذ ۾ قيد رهڻ نہ گهرجي... منهنجي گهر آئي آهين تہ ڏس منهنجو گهر بہ..... ڪڏهن ڪڏهن منهنجو ايترو ذهني توازن بگڙجي ويندو آهي جو امي ٻڌائي ٿي تہ ”مان اڪثر رات جو پنهنجا سڀ ڪپڙا لاهي ڇڏيندي آهيان ۽ نہ ڄاڻ الائي ڇا جو ڇا وقلندي وتندي آهيان....“ هر ٻئي يا ٽئين ڏينهن اهڙو دورو پوندو آهي. منهنجي لاءِ هي صورتِ حال افسوسناڪ آهي.... مان پاڳل نٿي بڻجڻ چاهيان. اجا تہ مون کي کوڙ سارا ڪم ڪرڻا آهن.

**امرتا!** حالات ڪجھ نيڪ ناهن، 22 ڏينهن لاهور قلعي ۾ قيد رهيس، سزائون وڏيون سخت آهن.... هڪ تہ بيماري مون کي بزدل بڻائي ڇڏيو آهي. ”انساني صحيفو“ جي باري ۾ ٿوري محتاط آهيان ۽ پاڪستان ۾ اهيو ڪتاب ڇپجي بہ نٿو سگهي.... مون کي خبر آهي اهيو ڪتاب ڇپجڻ ڪانپوءِ منهنجي سزا ڦاسي کان گهٽ نہ هوندي..... پر مون کي ڪا پرواهہ ناهي.... نہ ڄاڻ هڪ هڪ ڏينهن ۾ ڪيترا دفعہ ڦاهي تي چڙهي آهيان.... ڪاش مون کي هڪ سال صحتيابي جو ملي پوي.... تہ مان پنهنجا سمورا رهيل ڪم ختم ڪري وٺان.... هتي سختي وڌيڪ آهي، منهنجا کوڙ سارا خط سينسر ٿي وڃن ٿا..... صحت نيڪ ٿي تہ ضرور هندوستان چڪر لڳائيندس، پوءِ مان پنهنجي امرتا سان ڍير ساريون ڪچهريون ڪندس.... امرتا تنهنجي ڪري ئي سارا زنده آهي.....

## سارا شفگتہ

11 آڪٽوبر 1982ع

**امرتا!**

اليڪٽرڪ شاڪ لڳڻ جي ڪري اڃا تائين طبعيت ۾ سڌارو ناهي آيو. مان تہ هڪ مذاق آهيان امرتا.... 21 ڏينهن پاڳل خاني ۾ رهي آئي آهيان. ڪڏهن پاڳل خاني، ڪڏهن گهر.... تون جنهن محبت سان مون کي خط لکيا آهن، ان جي لاءِ محبت لفظ بہ ننڍو آهي. منهنجا هٿ ڏاڍا ڏکڻ لڳا آهن، جسماني تڪليف وڌي وئي آهي. ڏڪندڙ هٿن سان توکي خط لکي رهي آهيان. هڪ ماءُ ئي آهي جيڪا مون سان منهنجي وحشت ۾ شريڪ ٿيندي آهي. باقي تہ سڀ ماڻهو نہ زمين ٻڌجي سگهيا نہ ڳوڙها..... تمام رات هٿن ۾ گذري ويندي آهي. دار تي سمهان ٿي، جيل جي قيد بامشقت ڪٽيان ٿي. ڏاڍو سناٽو آهي... يادا شت بہ ڏاڍي خراب ٿي وئي آهي. ڪجھ ڏينهن پهريان تہ ڪنهن کي بہ نہ پئي سڃاڻان.... هاڻي اڪيلي ڪيڏانهن نٿي وڃي سگهان، رستو ڀلجي وڃان ٿي....

بيماري جي ڪري ڪتاب بہ ڇپجي نہ سگهيو.... بس صرف پريس وڃڻ باقي آهي. باقي تمام ڪم ٿي ويو آهي. جيئن ئي طبعيت ٿوري نيڪ ٿي وئي تہ پنهنجي امرتا وٽ ضرور هندوستان ايندس... چانوَ جو در تہ وٽن وٽ ئي هوندو آهي.... باھ جو رنگ منهنجي پيرن تي رهڻ لڳو آهي، مان پاڳل ٿيڻ نٿي چاهيان امرتا! هڪ ذهن ئي هو هاڻي اهو بہ ساٿ ڇڏيندو پيو وڃي.

**امرتا!** دعا فقير ڪان وڌيڪ ٻُڪايل هوندي آهي. مان ڪيتري مٽي هلندي آئي آهيان امڪان جي جُتي ٽُٽي رهي آهي ۽ دل ۾ دعا آهي. امرتا! ڪاش تون مون سان گڏ هجين ها..... هتي.... ڪڏهن ڪڏهن تہ سڄي رات رڙين ڪرڻ وارو دورو پئجي ويندو آهي. جڏهن هوش ايندو آهي تہ ڏاڍي شرمنده ٿيندي

آهيان. گهر وارا ويچارا خوامخواه پريشان ٿي ويندا آهن. سڄي رات هلندي رهندي آهيان پير سُڄي ويا آهن. دعا ڪر امرتا! تہ هاڻي بس خاموش ٿي وڃان.... ڊاڪٽرن جو چوڻ آهي تہ منهنجي جيڪڏهن شادي ٿي ويندي تہ مان ٺيڪ ٿي ويندس.... رشتا تہ ڏاڍا ٿا اچن امرتا! دوست ٺٺا ملن.... مان ڇا ڪريان؟ ڳالهہ ڪي وڏيڪ سمجهي وڃڻ بہ تہ ڏک جي علامت آهي. مان ڪوڙ، ٺڳي، فريب، ڏوڪي ڪان تہ واقف آهيان پر رشتو ڪنهن سان ٿاهيان....؟

تنهنجي خط اچڻ سان نئي زندگي ملندي آهي.

**سارا شگفتہ**

■

25 نومبر 1982ع

**امرتا!**

منهنجي زندگي ۾ ڪيئي مرد آيا، مان صرف هڪ اڌ مرد جي حيرت ۾ شريڪ آهيان. عمر ڇو تہ وڏي آهي، ان جي لاءِ رانديڪا جلد ٽُٽي پوندا آهن. اڪثر تنها ئي سمنڊ تي ويندي آهيان، سمنڊ جي هڪ بہ سوال جو جواب اڄ تائين ناهيان ڏئي سگهي. ذات ۾ عياري ۽ مڪاري ناهي، جيڪو ملندو آهي منهنجي سچايون ٻڌي ڪري قدم چورائي وٺندو آهي. منهنجي لکڻ جي ڪري گهر وارا مون سان شديد نفرت ڪندا آهن، چوندا آهن "تون خاندان جي مٽي پليت ڪري رهي آهين، سٺو ٿئي جو موت جي مار پوي توکي.... هر ايندڙ ڏينهن اخبارن، رسالن ۾ تنهنجون اگهاڙيون تحريرون ڇپبيون رهنديون آهن. اسان جو نڪ وڍجي ويو آهي." گهر ۾ اچانڪ جيڪڏهن ڪير مهمان اچي وڃي تہ امي جلدي سان ردي ميڙڻ شروع ٿي ويندي آهي، پوءِ منهنجا لکيل لفظ باهہ جي نذر ٿي ويندا آهن. تارازي جي هڪ پاسي هميشہ پٿر پيا هوندا آهن شايد انهيءَ جو نالو انصاف يا سچائي آهي. پٿر ئي تہ انصاف ڪندا آهن. نفرت ڪان پريل اکيون جڏهن مون کي ڏسنديون آهن تہ مان پنهنجي دل کي پڙهڻ لڳندي آهيان.

سچائي ڪان ماڻهو مرڻ لڳا آهن، تہ مئل ماڻهو جا ڪوڙ جمع ڪري رک تہ اسان کي ننگي اکين کي بہ دفنائڻو پوندو آهي.

مون زندگي ۾ چار خودڪشيون ڪيون آهن. پر موت نہ آئي. خدا ڏينهن ڳڻي رهيو آهي تہ زهر امرت ٿي وڃي ٿو. هاڻي ڇهہ مهينا پهرين مون پنهنجي

چوٿون ڪتاب ”اڪيون“ مڪمل ڪري ورتي تہ وري ڏائڦوبدلائڻ جو خيال ٿئي ٿو. بازار ڪان زهر خريد ڪري آيم پوءِ پنهنجي پياري دوست امرتا کي خط لکيم وڏي تفصيل سان.....

انهيءَ رات امي مون کي چانهہ آٽي ڏني. مون چانهہ سان گڏ زهر بہ پي ڇڏيو. ۽ هڪ ننڍڙو خط بہ لکيو تہ ”مان خودڪشي ڪري رهي آهيان. هن دنيا کي ٹُڪڻ ٿي چاهيان.“ مون اهو خط امي کي ڏنو. امي پڙهيل لکيل ناهي، ان خط رکي ڇڏيو مون ڇيو هي خط صبح جو وڏي پاءُ کي ڏئي ڇڏجو....

سارا شگفتہ

■

07 فيبروري 1983ع

**امرتا!**

امي جي وفات کي اجا ڪجھ ڏينهن ئي مس ٿيا هيا، سڄو خاندان گڏ ٿي ويو، امي جو ڪمرو خالي هيو. مان آڱر تي ويٺي هيس. منهنجو پيٽڙئو آيو ان جي هٿ ۾ اخبار هئي، ان اخبار مون کي ڏني ۽ چيو: ”پڙھ.....“

مون ان کان اخبار ورتي ۽ پڙهڻ لڳس....

ـ سارا شگفتہ پنهنجي چوٿين مڙس کان بہ طلاق وٺي ڇڏي.

ـ سارا شگفتہ جي والده اهيو صدمو برداشت نہ ڪري سگهي، ذريعن جو چوڻ آهي تہ ان جي موت انهيءَ صدمي جي ڪري ٿي آهي.

مون اخبار ميز تي رکي ڇڏي. پوءِ اها اخبار سڄي خاندان وارن کي پڙهائي وئي....

جنهن گهر ۾ مان ۽ امي رهندا هئاسين اهو امي جي نالي تي هيو وڏي ڀاءُ چيو ”هاڻي هي گهر شگفتہ ۽ خالد يعني منهنجي ننڍي ڀاءُ جي نالي تي ڪيو وڃي.“

مون چيو: ”مون کي ڪجھ نہ گهرجي، هي گهر منهنجي ننڍي ڀاءُ جي نالي ڪري ڇڏيو.... “ گهر منهنجي ننڍي ڀاءُ جي نالي تي ليز ٿي ويو. انهيءَ ڏينهن امي جو ايڪيهون هيو منهنجو ننڍو ڀاءُ ۽ ڀيٽڙئو مون کي چوڻ لڳا: ”اسان پاڙي، محلي ۾ نڪرون ٿا ماڻهو اسان کي اخبار ۽ رسالا ٿا ڏيکارين، ڳالهيون ٿا ڪن، تنهنجي موجودگي ۾ اسان هن گهر ۾، هن پاڙي ۾ نٿا رهي سگهون..... يا تون

هتان هلي وڃ يا اسان هتان هليا ٿا وڃون..... تو چوٿين طلاق به ورتي آهي. هاڻي اسان جو توسان ڪو تعلق ناهي....“

ننڍي ڀاءُ اهيو به چيو ته ”ماءُ هئي ته ٻي ڳالهه هئي، تنهنجي آزادي، سگريٽ پيئڻ اسان برداشت ڪندا هئاسين، ماءُ جي مرڻ ڪانپوءِ تون اسان جو ڇا خيال ڪندينءَ؟ توکي ته پاڻ پاڳل پڻي جا دورا ٿا پون....“

مان اڃي آڳر تي ويهي رهيس.... ڪمري مان مسلسل آواز ايندا رهيا.... ـ

ـ منهنجو خيال آهي شگفته کي پاڳل خاني ۾ داخل ڪرائي ڇڏجي. جتان هوءَ ڪڏهن به نه نڪري سگهي. ۽ ڪاغذ، قلم تي پابندي لڳائي ڇڏجي...

ـ خاندان کي ته هن اخبارن جي سُرخي بڻائي ڇڏيو آهي.

ـ اسان جي ماءُ کي هن ڏاڍا ڏک ڏنا آهن.

ـ هي ڪڏهن هتان وينديء....؟

مون پنهنجا ڪتاب ڪنيا ۽ پاڙي ۾ رکي ڇڏيا، هڪ بيگ کنيو ۽ ماءُ جي گهر کي دل ۾ رکيو ۽ نڪري آيس.... وڃڻو ڪٿي هيو؟ پير اهيو سوال ڪندا رهيا.... ڪنهن شاعر، اديب جي گهر؟ ته سڀاڻي اخبار ۾ اهيا خبر ڇپجي ويندي ته ”سارا شگفته اڄڪلهه فلاڻ شاعر کي داد ڏئي رهي آهي.“

ڪيڏانهن وڃان؟ مائٽن وٽ؟ پر مان ۽ منهنجي ماءُ ته اڪيليون رهنديون هيوسين. اسان جو ڪو مائٽ نه هيو. منهنجي هٿ ۾ ڪپڙن جي هڪ ڳنڍ به هئي. منهنجي ماءُ جا اهي ڪپڙا هيا جيڪا زنده رهجي ويا هيا.

ماءُ جي ڪُک مان ڪريل سِڪا پھريان ته ڪڏهن به بڪواس نه ڪئي....

مان پنهنجي هڪ دوست جي گهر هلي آيس. ثروت سلطانه وٽ.... في الحال اتي ئي رهان پئي... مان پنهنجي ننڍي ڀاءُ سان ڏاڍي محبت ڪندي آهيان. منهنجا ڀاءُ تون منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ هڪ گهر کي چونڊي ورتو آهي. جيڪڏهن ٻي منزل ڪٽائڻ جو ارادو رکين ٿو ته مون ڪان منهنجون اکيون

وٺي وڃجانءِ، منهنجا هٿ، منهنجا قدم، منهنجا جذبا ڪٽي وڃجانءِ مان چاهيان ٿي منهنجا پاءُ تہ تنهنجو گهر وسيع هجي....

امرتا! حشر جو ميدان هتان ڪان ڪيترو پري رهجي ويو آهي؟ خدا ڪي منهنجي ماءُ جو نالو سڏٽو آهي مون ڪي پنهنجي ماءُ سان ڪوڙ ساريون ڳالهيون ڪرٽيون آهن.... جڏهن ڪان موت منهنجي ماءُ سان سچ ڳالهائي وئي آهي تڏهن ڪان منهنجي ماءُ مون سان نٿي ڳالهائي...

**امرتا!** ڪوڙو تعلق مون ڪان نٿو رکجي سگهي.... ماڻهو ستر ستر سال گذاري ٿا ڇڏين هڪبئي سان... پر دل ۾ انهن جي ڪينو هوندو آهي. ڪڏهن اسلام چيو آهي تہ توهان جبر واري زندگي گذارو؟ جيڪڏهن عورت ڪي هي ماڻهو هڪ ئي هنڌ مري ڪپي وڃڻ لاءِ چون ٿا تہ پوءِ اسلام ۾ طلاق ڇو رکي وئي آهي؟

مان انسان آهيان، جائيداد نہ آهيان... جيڪڏهن ڪير مون ڪي يعني عورت ڪي انسان نٿو سمجهي تہ اهو ماڻهو گهٽي دير تائين عورت جي ڏينهن تي نٿو پونڪي سگهي.....

امرتا! منهنجي ماءُ جو مون ڪي ڏاڍو ڏک آهي. رهي ڳالهہ گهر جي تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري وٺنديس.... ڏاڍي اداس آهيان.

**سارا شگفتہ**

02 آگسٽ 1983ع

**امرتا!**

ياد ڏاڍي ٿي اچي، طبعيت هاڻي پهريان ڪان ٺيڪ بہ آهي ۽ نہ بہ... اڄ ثروت ڪي سليم جو خط مليو تہ امرتا جو حڪم آهي تہ سارا، عطيہ جي گهر رهي.... هاڻي مان عطيہ جي گهر رهان پئي. جلد هندوستان اچي ويندس. بس ڪجهہ طبعيت بهتر ٿئي... پوءِ پنهنجي امرتا سان صدين تائين ڳالهيون ڪندس....

امرتا! ڪجهہ ڏينهن پهريان يونيورسٽي جا ڪجهہ شاعر نما ڇوڪرن مون کي چيو: ”سارا صاحبہ! هڪ ويهڪ رکي آهي اوهان جي اعزاز ۾“ انڪار ۽ ضد جي باوجود مون چيو: ” ٺيڪ آهي ايندس“

اتي ويم تہ اڪيلو گهر ۽ اڪيلو ڇوڪرو.... مون ڏسي چوڻ لڳو: ”ڪافي بڪواس ڪرڻ ڪانپوءِ، هڪ رات مون سان گذار.....“

مون چيو: ”هي رات توسان گذاري ڇڏي تہ باقي پيون راتيون ڪنهن سان گذاريندس.... ۽ گناهہ جو بہ ڪو مذهب هوندو آهي...؟“

امرتا! هڪ انڌو رستي تي ويٺو هيو. مون پڇيو: ”بابا روڊ ڪراس ڪرايان؟“

چيائين: ”اسٽيشن وڃڻو آهي. گاڏي ۾ پنندس..... “

مون هن کي رڪشي ۾ ويهاريو ۽ چيو: ”هلو مان اوهان کي اسٽيشن تائين پهچائي ٿي اچان.“

امرتا! هو رڪشي ۾ مون کي لڪي لڪي ڇهندو رهيو..... ۽ مان نہ ڄاڻ الائي ڇا سوچي خاموش رهيس....

ڪائنات ۾ پنهنجو قدم رکي ويٺي آهيان،
ان ڪري اڌوري آهيان
موت جي اکين ۾ مون پنهنجي زبان رکي ڇڏي آهي
انهي ڪري منهنجو ذائقو ماڻهن جي زبان کي خراب ٿو لڳي
مان ذليلن وٽ نہ ٿي رهي سگهان.........

**سارا شگفتہ**

■

**امرتا!**

ست ڏينهن پهريان مون سوچيو..... سارا بي بي! هاڻي گهڻو ٿيو، ڪيتريون ئي اکيون ناياب ٿي ويون، ٽُڪي ڇڏ هي جسم! مون هڪ خط توکي لکيو... ۽ هڪ خط پنهنجي رخصتي تي لکيو... اهو خط مون پنهنجي ماءُ کي ڏنو تہ رکي ڇڏ.... صبح جو احمد سليم اچي تہ ان کي ڏجانءِ....!

هوءَ پڙهيل لکيل نہ آهي.... ان رئي ۾ خط کي ٻڌي ڇڏيو.... توکي جيڪو خط لکيو هو اهو ميز تي ئي پيل رهيو..... مون 40 ٽڪيون (گوريون) کاڌيون ۽ پنهنجي ماءُ جي پرسان سمهي پيس.... اک کُلي تہ جناح اسپتال جي صرف وارڊ تائين پهتي آهيان.... بقول امي جي تہ مون کي ٽن ڏينهن کانپوءِ هوش آيو.... جسم ڏُکي رهيو هو.... احمد سليم ڏاڍو ناراض هيو.... خير! اداس ماڻهن جون اکيون پائي مان وري ڪمري ۾ موجود آهيان.... ٿوري دير پهريان مون پنهنجي ماءُ کي چيو: ”مون جيڪو امرتا کي خط لکيو هو، اهو ڏي....“

امان ٻئي خط پنهنجي رئي سان ٻڌي ڇڏيا هيا.... ڳنڍ کولندي چيائين ڪير ٿيندي آهي امرتا تنهنجي؟ هر وقت امرتا، امرتا ڪندي ٿي وتين.... تون روز ان کي خط لکندي آهين.... هڪ خط ان کي نہ ملندو تہ انجي خزاني مان ڪهڙي ڪمي ٿي ويندي؟ هي تہ ثبوت آهن، تنهنجو ڪهڙو ڀروسو؟ تون تہ چري

آهين.... نہ ڄاڻ الائي ڇا ڪري ڇڏيو آهي انهن شاعرن، اديبن توکي؟ انهن ڪار زبان وارن..... توکي ٿي ڇا ويو آهي؟ ايترو نہ پڙهندي ڪر...... ڇو اڇي خاندان کي لڄايو اٿئي..... اڙي ڀلي بہ ست گهر ڇڏي ڏيندي آهي.... ذري برابر بہ توکي غيرت ناهي.... ڇا ڇا پنهنجي نظمن ۾ لکندي رهندي آهين....؟ ۽ ان تي وري خودڪشي ڪري مون پوڙهي ماءُ کي جيل ۾ ٿي وجهرائڻ چاهين؟

**سارا شگفتہ**

**امرتا!**

مان تہ جيئڻ جا واعده ٿي ڪريان.... جيڪڏهن ٿڳ کي خبر نہ پوي... ڏس نہ! روحن تائين اڏائي ڪٽي ٿو وڃي.... ڇا رنگ، رنگي ٿو... هي رنگ ساز جي بدن جي قيد کي برداشت ڪرڻ ضروري آهي.... تو جهڙي طرح محبت سان مون کي قيد ڪيو آهي. ان جي لاءِ منهنجا تمام لفظ، تنهنجي لاءِ احترام ۾ سر کي جهڪائي بيٺا آهن....

**ڏکن جي ديوي!** بدن جو رنگ ڦڪو پوندو پيو وڃي.... تو ڏاڍو مون کي ڇيو آهي تہ نہ وڃ.... چلو ديوار تي منهنجو اقرار نامو لکي ڇڏجانءِ!

طبعيت ۾ مزو ناهي.... لکندي لکندي لفظ وساري ويهان ٿي.... ڪڏهن تہ ايئن بہ ٿيندو آهي تہ هٿ ڏکي رهيا هوندا آهن ۽ من لکڻ لاءِ پيو چوندو آهي پوءِ خبر پوندي آهي تہ لفظن جو سينو مون کان وڏو آهي.

ڪافي ڪتن جا آواز اچن ٿا.... سارا... سارا.... ڪير آهي.... ڇاٽان ٿي... ڪتو گوشت جي دڪان تي ڀونڪي رهيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن جيءُ چوندو آهي..... تہ بيوقوفيون ڪريان.... پر مصنوعي تعلق مان نٿي رکي سگهان....يا تہ تعلق هوندو آهي يا نہ هوندو آهي.....!

خدا .... اجا وڏيڪ خاموش ٿيندو پيو وڃي.....مردن سان ڳالهائڻ، ملڻ جي ڪرڻ جي ڪري گهر وارا بہ نفرت ڪرڻ لڳا آهن.... ڏسون! ڇا ٿو ٿئي.... ڪنهن فوٽ پاٿ تي گذارو ڪرڻ پوندو شايد.....!

سارا شگفتہ

■

**امرتا!**

هڪ ڀاڙي واري چيو: ”هاڻي تنهنجي دل نري پئي هوندي، تنهنجي ماءُ جو تنهنجي ڪري هارٽ فيل ٿيو آهي.“

امرتا! ڇا اهيو سچ آهي؟ ماءُ جي موت کان 15 ڏينهن پهرين مون زهر کائي ڇڏيو هيو. مون کي جناح اسپتال داخل ڪيو ويو هو. ڊاڪٽرن منهنجي ماءُ کي چيو هو هن جي بچڻ جي ڪا بہ اميد ناهي.... شگفتہ جي ڪفن دفن جو انتظام ڪريو.... منهنجي ماءُ ان وقت ڏاڍو رُني هئي. منهنجي رت ۾ منهنجي ماءُ جا آخري ڳوڙها رهجي ويا آهن.

تون منهنجي دوست آهين مون کي ٻڌاءِ! ڇا مان پنهنجي ماءُ جو آخري ڏُک آهيان.... ٻڌاءِ امرتا! هاڻي مان ڪڏهن بہ خودڪشي نہ ڪندس ان جي لاءِ جو منهنجي نندي ڀاءُ جي بہ ماءُ مري وئي آهي. ان جو بہ ڪير ڪونهي. مان پنهنجي ماءُ جي نشاني پنهنجي روح ۾ رکندس....

سارا شگفتہ

## باب چوٿون

## شاعر

تون شاعر هئين
مان طوائف هوندي بہ هڪ
جهونپڙي ۾ پرڻائي ويم
منهنجو ٻار بي ڪفن مري ويو
طوائف هوندي بہ مان توکي
ڪمائي نہ سگهيس
جو ڪوڙا سڪا منهنجي ڇاتين
مان وهي نڪتا
۽ تون جج هارائي وئين
چار سالن ۾ اڌ ڪٽ ٻڌجندي رهيس
۽ تون منهنجي شرم گاهہ ۾ سمهندو رهين
مان هڪ مشرقي طوائف آهيان

ان لاءِ توکي مغرب تائين توکي ڪميشن
وٺي نہ ڏئي سگھيس
تون موت ٺٺو وسارين
مان ڏک ٺٺي وساريان
منهنجي شرم گاھہ ۾ کھڙو
ڪوڙو سکو هلي پيو
هاڻي جڏهن چاهيان توکي
خريد ڪري سگهان ٿي
مان نچي نچي پنهنجي جهانجهر
وڃائي ڇڏي
تون خاموش رهي رهي
حرامزادن تہ حد ڪري ڇڏي
عورت ڪي محض گرم پاڻي
نيڪال جو وسيلو سمجهيو آهي
مون توکان ڪڏهن بہ حق مهر
ناهي گھريو
مان ايتري طوائف زادي آهيان
جو منهنجو حق مهر ماڻهو ايئن ئي
ڏئي ڇڏيندا آهن
تنهنجي ٺڪاوٽ سڄو شهر کي خبر آهي
تنهنجا هٿ پفليٽ بڻجي ويا آهن
تنهنجي تلوار ۾ سپهہ سالاري
ان وقت ڪٿي هئي؟
جڏهن چار ڪدڙن جي اقرار تي
مان تنهنجي آبرو بڻيس

تنهنجي غيرت تہ مرده ٻار کي
قبول نٿي ڪري
منهنجي ٽٽل شرم گاهہ کي
ڪيئن قبول ڪندي
منهنجو آخري مرد مري ويو
جنهن سان مان اڄ تائين پرٽائي وئي هيس
هاڻي منهنجو چوڙيون نيزو بڻجي ويون آهن
جنهن سان مان داستان لکندس.

■

## سارا شگفتہ جا چونڊ نظم

### عزت !

عزت جون ڪيتريون
ئي قسمون آهن
گهونگهٽ، ٿپڙ، ڪڻڪ
عزت جو سڀ کان نئيو ء
سڀ کان وڏو حوالو عورت آهي
گهر کان وڃي فوت پاڻ تائين
ڪجهہ بہ اسانجو ناهي
عزت صرف اسانجي گذاري جي ڳالهہ آهي...
عزت جي نيزي سان
اسانکي داغدار ڪيو ويندو آهي
عزت جي ڪُني اسانجي ئي زبان
سان شروع ٿيندي آهي

ڪا رات جيڪڏهن اسانجو

لوڻ چکي وٺي تہ

سڄي زندگي اسان کي ٻي ذائقي واري

ماني ڇيو ويندو آهي...

□

## خوف !

تون ٻج کان ٻار ڄڻين ٿي

ان لاءِ تنهنجي اڄ ڪا نسل ناهي

تون جسم جي دڪان سان

سجاتي وڃين ٿي

تنهنجي حيثيت ۾ هڪ چالاڪي

رکي وئي آهي

هڪ خوبصورت چالاڪي

ڪوڙي مسڪراهٽ تنهنجي چپن

تي تراشي وئي آهي

تون صدين کان مسڪرائي ناهين سگهين

تون صدين کان رُني ناهين

ڇا ماءِ ايئن هوندي آهي؟

جيڪا قبر جي سجاوٽ ڇورائي
پوءِ تنهنجو جنم ڪهڙو ٿيو....؟

◘

## عورت

پنهنجي چنڊ ۾ آسمان جو ٽاڪو چو لڳايان
سنگِ ميل ڪنهنجو انتظار ڪيو آهي؟
عورت هڪ رات ۾ ئي رَچي ويندي آهي
آخر خدا پنهنجي من ۾ ڇو نہ ٿو رهي؟
باهہ سڄي جسم کي وڪوڙي وئي آهي
مان پنهنجي باهہ ۾ هڪ چنڊ رکان ٿي
۽ اگهاڙين اکين سان مرد ڪمايان ٿي
پر منهنجي رات مون کان پهرين
سجاڳ ٿي پئي آهي
مان آسمان ڪپائي چنڊ نٿي ڪمايان ....

◘

## گناهہ

هتي قيد جون هٿڪَڙيون ڪوليندي ڪوليندي
منهنجو وجود ٽڪجڻ لڳو آهي
هر نقاد، غير نقاد منهنجي بدن ۾
پونڪڻ چاهيندو آهي
منهنجو سڀ کان وڏو گناهہ اهيو
ٿي آهي تہ مان هڪ عورت آهيان
جڏهن انهن سان گڏ مان ٿڪ نٿي ڏيان
تہ هو منهنجي خلاف ٿي ويندا آهن
۽ قطار ۾ بيٺل ماڻهو مون کي ٻڌائيندا آهن
تہ ڪيترا مَتَ اڇا اُڇارا آهن؟
حد تہ اهيا آهي جو
ٻڌائڻ وارو بہ پيو گگ
ڳاڙيندو آهي
مان ايئن فاحشہ نٿي ٿي سگهان

۽ هو ختنہ ڪان وڌيڪ وسيع ناهن هوندا.

■

## لڪٽيون

منهنجي لڪٽين جي ڪري
ڪيترن گهرن مون تي پنهنجي گهر
جا در بند ڪري ڇڏيا آهن
پر.... مان انهن جو ذائقو نٿي ٽيڻ چاهيان
مان ٽُتل سڏ پنهنجي جهوليءَ ۾
پيري رهي آهيان
هر شيءَ لڙهي ويندي منهنجا لفظ، منهنجي عورت
هي مشرڪي گولي ڪنهن هلائي آهي
زبان هڪ گرهہ ڇو ٿي قبول ڪري؟
بُک هڪ.... ۽ طعام طرحين طرحين جا
ڏسڻ جي لاءِ صرف چنڊ ستارا ڇو ڏسان؟
سمنڊ جي لاءِ لهرون ضروري آهن
عورت جي لاءِ زمين ضروري آهي
اهي ڪيڏا انهن ويا
جيڪي عورت پر ٽائيندا آهن

هي ڇا گهر آهي؟ جو هڪ عورت ۾ عزت ۾
ڪو فرق نہ ٿو رکي
مون اڪيلي ئي بغاوت شروع ڪئي آهي
هاڻي اڪيلي پنهنجي گهر ۾ رهندي آهيان
ڇو جو آزادي ڪان وڏيڪ ڪو بہ پيشو ناهي
ڏس منهنجي مزدوري !
ڪڏهن ديوارن ۾ زنده قيد ڪئي پئي وڃان
ڪڏهن بسترن جي زينت بڻجي پوان ٿي.

## اڌوري شڪست

اڃا تہ مون کي لکڻو هو
پر ڪهڙو فائدو جو منهنجا حواس
وڃائجي رهيا آهن
هٿ بيهي ويو تہ الوداع ڪيئن ڪندس
هو ڪارو فقير هر دروازي تي
صدا هڻندو آهي
جيڪڏهن مان چري ٿي ويس تہ
پوءِ ماڻهو الزام ڪٿي رکندا؟
منهنجي قبر تي خاموشي لکجي ڇڏجو
خاموشي ۾ سچ ۽ ڪوڙ جو ڪهڙو سوال
اڃا تہ مون لکڻ شروع ڪيو آهي
اهيو ڪيئن ٿيو.....
اوقات جي پڪي آهيان
شايد ان لاءِ اڄ زخمي آهيان
منهنجا هٿ فائدو ڪڻڻ جي قابل

ناھن رھيا
ڇا ايئن ئي ماڻھن کي فراموش ڪيو
ويندو آھي
يا تہ رستو جاھل رھيو ھوندو
يا وري منھنجا قدم جاھل رھيا ھوندا
پر اڌوري شڪست ڪيتري ٻُري
ھوندي آھي؟
ڏس! ماڻھو اڌ ھٿ منھنجي ھٿن ۾ ڇڏي ويا آھن
ھر ٻار کي گود ۾ پيرڻ منھنجي ئي تہ عادت ھئي
ھر سوار کي خوش ڪرڻ تہ منھنجو سفر ھيو
ڪنڊن جي مسڪراھٽ تہ منھنجو جنگل ھيو
ڪمري ۾ ھڪ ڪاري ٻلي گھمي رھي آھي
ھي ٻلي مون ڪان وڌيڪ آواز رکي ٿي
مان تہ ٻجي ويس پر ھو وڏي
مغرور ھئي....

## ڪنجر هٿ

هي ڪنجر هٿ مون کي
اجا ڪيترو زهريلو ڪندا؟
ڪنگھي ڪنگھي منهنجون ڇاتيون
زمين تي ويون آهن
خدايا! مون کي انهن هٿن کان بچاءِ
مان انهن جي هٿن تي وڏيڪ نٿي
نچي سگھان
غلط هٿن جي ڪري منهنجي زبان
۾ ڦلوڪڙا ٿي پيا آهن
هي پري ڇو نٿا هليا وڃن؟
بار بار مون کي ڇو ڇُهي رهيا آهن
منهنجي طاقت ۾ ٻہ مُٺ زمين آهي
مان ڪيڏانهن وڃان؟

مان رسي نٿي ٻڌجڻ چاهيان
مان پنهنجي وس ۾ رهڻ چاهيان ٿي.

■

## تلاش

اي منهنجا وچايل رب!
تون ڪهڙي اخبار ۾ ڪهڙي خبر
پڙهندو آهين؟
تنهنجا ترا شيل بُت چُپ نٿا ٿين
انهن وٽ پيل دعائون هونديون آهن
مان تہ نچي نچي ٿُڪي پئي آهيان
۽ ڏسي بيزار ٿي پئي آهيان
لڪيرن سان مون کي ڪَٽَ نہ ڪر
سياه دل سان سياه لفظ لکي وٺان
تنهنجي خاموشي سان
مان روز ٿُٽي، پُري رهي آهيان
جڏهن مان ورهائي ويم تہ
تنهنجا فقير ڪٿي هيا؟

ڇا چوان؟ جيتري تنهنجي ڳلي آهي
ايترو ڀونڪي وٺان ٿي
۽ تون آهين تہ صبر جي ڇپٽي وڇائي
هليو ويندو آهين.

▫

## مختصر نظم

مون موت جي اکين ۾
زبان رکي ڇڏي آهي
ان جي ڪري
منهنجو ذائقو ماڻهن جي
زبان کي برو لڳندو آهي
مان ذليلن سان گڏ نٿي هلي سگهان.

▫

ڇا مسجد جون سِرون
چورائي نٿيون سگهجن؟
هو سچ مچ مسجد جي سِر وانگر هو
تڏهن تہ چئي سگهيم
پنهنجي اکين جي پير ۾ رهڻ سان
ڇا عورت آواره چورائيندي آهي؟

◘

ڇا لکي رهي آهيان
مان تہ بس هلي رهي آهيان
هي گدلا ماڻهو ڪنول ڪي رکڻ
نٽا چاهين بس انهن جي اکين ۾ مرده جواب آهي
پاڻي جي مقدر ۾ لهرون هونديون آهن
عورت جي مقدر ۾ صرف انسان هوندا آهن
جانور نہ ...

◘

مان سپني جي چراغن ۾ پرندي رهيس
اڄ چرين جي قبيلن مان حاملا ٿي ويس
شيخون مون ڪي سجاڻي نٽيون سگهن
سامهون شيخن تي تالي جي اک لڳل آهي
منهنجو سينگار ڏس!
ٻي عورت خلا سان اکيون ٻڌي ويٺي آهي
ٿين عورت جي گهڙي مان وقت ڪِري پيو آهي
ڇا ٿيو انهن سان؟
عزت تہ ماس کان پري جي ڳالهہ آهي
هتي زنجيرن جو مجرو سڄ
تائين ٻڌندو آهي.

◘

جڏهن ڪان جنگل
سڙي ويو آهي

باهہ شين جو شڪار
نٿي ڪري
ماڻهو منهنجي خاموشي
ڪان بہ وڏيڪ ننڍا هئا
سو مون سمنڊ تقسيم ڪري ڇڏيو
عورتون رڃين سان حاملا نظر اچي رهيون هيون.

◘

اسان سڀ خدا ڪي
ڇڏي رهيا آهيون
ڇا موت آخري خدا
ڏئي سگهندي؟
خدا قرآن لکيو
مون انسان لکيو.

◘

فصلن جي اجرت ئي
اسانجي بُک آهي
جُتي جي ٽنڊ تي هڪ ڪوڪو
ٺوڪيو ويندو آهي
۽ سفر ايجاد ڪيو ويندو آهي.

◘

منهنجي قبيلي جي ڪُک مان
جڏهن صرف هڪ رڃ پيدا ٿي

تہ مان پنهنجي ڪُک مان
ٻار اُڇلائي ڇڏيو
۽ رڙ ڪري ڪٽي ورتو.

■

## خدا

اي خدا!
ڇا مان تنهنجي زڪوات آهيان؟
يا هڪ سجدو آهيان
اي خدا!
تون منهنجو انڪار آهين
۽ مان تنهنجو اقرار آهيان
اي خدا!
ڇاتي ڪان وٺي ڪُڙي تائين
مان تنهنجي آهيان
مان ناداني مان ٻار ڄڻيان ٿي
۽ فضل سان حڪم جنمندو آهي
اي خدا!
مان پنهنجي ڪُک مان هلندي
تنهنجو نالو ڄڻيان ٿي
اي خدا!
مون پنهنجي نسل تي تنهنجو نالو لکي ڇڏيو.

■

## پڇاڙي

# سارا شگفتہ جي خودڪشي

سارا شگفتہ پنهنجي زندگي ۾ لڳ ڀڳ 4 ڀيرا خودڪشي جي ڪوشش ڪري چڪي هئي..... پر هر ڀيري هن جي ڪيل ڪوشش ناڪام ٿي ويندي هئي.... هن ڀيري سارا شگفتہ 4/ 5 جون 1984ع جي رات هڪ ٽرين جي هيٺيان اچي خودڪشي ڪري ڇڏي..... ان وقت سارا جي عمر 30 سال بہ نہ هئي. خودڪشي ڪان اڳ 3 خط سارا جا سعيد کي بعد ۾ مليا، ۽ ٽنهي خطن ۾ سارا جي روح جو عالم اهيو آهي تہ جڻ هُن اهي ٽيئي خط موت ڪانپوءِ جڻ لکيا هجن.... خطن ۾ لکيل تاريخ سارا جي موت کان 4 ڏينهن پهريان جي آهي.... ٽنهي خطن مان هي بہ خط آهن جنهن تي پهريون دفعو سارا شگفتہ جي جڳهہ تي سارا سعيد لکيل هو..... جنهن ڏرتي تي هوءَ رهي پئي، اتي پنهنجي نالي سان گڏ سعيد جي نالي جي وابستگي ممڪن نہ هئي، ڏرتي ڇڏڻ ڪانپوءِ ان جي سامهون ڪا مشڪل نہ هئي.....

**سعيد!**

اڏري ويندڙ اکيون ڪٿي نہ ڪٿي رهنديون هونديون؟ تنهنجي دل ۾، تنهنجي اکين ۾، مان رهي تہ هوندم.... وئي ٿوري آهيان پاڳل!

منهنجي مٽي توکي سلام ڪندي آهي..... ٻُڌ! ڇا ڪري رهيو آهين؟ منهنجو خاموش آواز توڪان پري ناهي، مان توسان ڳالهائي رهي آهين... مان اڃا جاڳي رهي آهين، تون جڏهن بہ ايندو آهين مان تنهنجي احترام ۾ جاڳي پوندي آهيان. ٿورو چُپ تہ ٿي وئي آهيان.... تون ڳالهاءِ سعيد!

مان ٻُڌي رهي آهيان....

(31 مئي 1984ع)

**سعيد!**

آواز ڪڏهن بہ ناهي ٻُڏندو.... ايتري تائين جو آواز خاموش بہ ٿي وڃي تڏهن بہ ناهي ٻُڏندو.... مان ساهہ جي بغير بہ تنهنجي آهيان.... هاڻي تنهنجو آواز منهنجو ئي آواز هوندو..... منهنجي آواز ڪي توڪي لڪڻو آهي.... لفظن کي زبان توکي ڏيڻي آهي. ڪاري مس سوچي چڏيو آهي تہ هاڻي منهنجو هٿ جهلڻ وارو آهي....

لِک.... لِک نہ ..... منهنجي لفظن کي سمهڻ نہ ڏجانءِ..... سمهي رهيو آهين؟ نہ تہ مان بہ سمهي پونديس.....

**تنهنجي پنهنجي سچ..... تنهنجي سارا سعيد**

(31 مئي 1984ع)

**سعيد!** جي لاءِ بي پناهہ محبتن ۽ ويڙهہ سا گڏ منهنجا سعيد!

سيني ورقن جي خاموشي هاڻي توکي لکڻو آهي سعيد! منهنجي خاموشي کي هاڻي توکي پڙهڻو آهي. لفظن جي ڪائنات ڇڏي پئي وڃان.... ۽ تنهنجي مٽي ۾ لڪي رهي آهيان.... منهنجي روح جي حفاظت ڪجانءِ....

مان ۽ تون....... پنهنجي خاموشي ۾ بہ..... هڪبئي جا موسم آهيون....

ڏس! تون مون وٽ آهين، ۽ مان تو وٽ.... مان ڪڏهن توکان پري تہ ناهيان... هن دنيا جي رهڻ تائين مان توسان گڏ جاڳندي رهندس... منهنجي اکين تي اعتبار ڪر... ۽ ڏسندي نہ؟ مان توکي ڏسي رهي آهيان ۽ تنهنجي سيني تي سر رکي سمهي رهي آهيان.... نہ تہ سارا ڪڏهن سمهي آهي سعيد...!؟ هوءَ تہ اڄ بہ تنهنجي اکين جاڳي رهي آهي.... لکين پيار......

**تنهنجي صرف تنهنجي سارا سعيد....!**

# بوڪ شيلف

**سارا** هاڻي بڪ شيلف ۾ سجايل آهي.... ٺيڪ اهڙي طرح، جهڙي طرح ان پيشنگوئي ڪئي هئي... هوءَ ”پرندڙ لفظ“ جي صورت ۾ شايع ٿي هئي 1982ع ۾، پوءِ ”اڪيون“ جي صورت ۾ شايع ٿي هئي 1985ع ۾، جنهن جي مهورتي تقريب ڪراچي جي آرٽ ڪائونسل ۾ 18 مئي تي ٿي هئي....

ٻُڌو آهي.... ان ڏينهن حاجره مسرور صدارت ڪئي هئي.... راشد نور ۽ احمد هميش، سارا تي مضمون پڙهيا هيا.... ۽ ان ڪتاب جي لکيل منهنجا ڪجهہ لکيل لفظ هيا... جيڪي اتي ثروت سلطانہ پڙهيا هيا..... گڏوگڏ سارا جي آواز ۾ ٽيپ ٿيل ان جا نظم ٻڌرايا ويا هيا.... ۽ ان جي هڪ خاص نظم ”سڳنڌي نامہ“ افتخار جالب صاحب پنهنجي آواز ۾ پڙهيو هو.... ۽ اهيو بہ چيو هيو تہ..... ”اهڙي نظم لکڻ جي جرئت صرف سارا وٽ هئي....“

۽ هاڻي سعيد احمد جي **”سارا اڪيڊمي“** هن بوڪ شيلف کي وڌو ڪندي ويندي.... اڄ جيڪي ماڻهو افتخار جالب صاحب سان متفق ناهن، اهي متفق ٿيندا ويندا.... ۽ جڏهن جڏهن پنهنجي پنهنجي بوڪ شيلف ۾ سارا سان ملاقات ڪندا.... انهن کي خدا جي هڪ اهڙي تخليق جو ديدار ٿيندو جنهن کي انسان نہ بلڪہ انسانيت چوندا آهن....

هن وقت مان پنهنجي بوڪ شيلف ۾ بيٺي آهيان، ۽ سارا سان مخاطب آهيان، **ڏس دوست!** هن وقت منهنجا ڪيترا ئي عظيم دوست آهن..... وسشٽ رشي ۽ ويدو ياس ڪان وٺي بان ڀٽ، ڪالي داس، سلطان باهو، وارث، سيفو، چيخوف، غالب، ڪازان زاڪس، آئين رنيڊ، ساحر، فراق ۽ فيض تائين سڀ تنهنجي پرسان وينا آهن.... بس صرف هڪ هٿ جو فاصلو آهي.... هي طئي ٿي وڃي تہ مان توهان سڀني سان گهڻيون ڳالهيون ڪندس..... بوڪ شيلف جي سامهون بيهي نہ توهان سڀني دوستن سان گڏ بڪ شيلف ۾ ويهي ڪري.......

◘

# احساس پبليڪيشن جا ڇپيل ڪتاب

رابطي لاءِ: 03100934500

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 1. | English Grammar | | Raja Bajaj | ختم ٿيل |
| 2. | Active Voice & Passive Voice | | Raja Bajaj | ختم ٿيل |
| 3. | Basic Biology | | M.Athar Kalhoro | ختم ٿيل |
| 4. | Philosophical Poetry & Essays | | Riaz Bhatti | 150 روپيه |
| 5. | Shhamsuddin BulBul | | Eng: Dr Riaz udin Abro | 300 روپيه |
| 6. | شاعريءَ جو آڪاش | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 400 روپيه |
| 7. | صحرا منجھ صدا | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | ختم ٿيل |
| 8. | عڪس جانان هم | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | ختم ٿيل |
| 9. | نند جا نيڻ | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | ختم ٿيل |
| 10. | نظمن جو ديس | (شاعري) | مرتب: احسان آڪاش | 250 روپيه |
| 11. | ڪلام نشتر | (شاعري) | نشتر ناٿن شاهي | ختم ٿيل |
| 12. | سخن نشتر | (شاعري) | نشتر ناٿن شاهي | ختم ٿيل |
| 13. | چنڊ مان ۽ رولاڪيون | (شاعري) | آصف ڪالرو | 300 روپيه |
| 14. | درد ڪي هڪلي هلون | (شاعري) | خاڪي جاني | 250 روپيه |
| 15. | آخري ست لکڻ ڏي ! | (شاعري) | مخدوم آسيہ قريشي | 300 روپيه |
| 16. | نظم آهي زندگي | (شاعري) | ياسمين چانڊيو | ختم ٿيل |
| 17. | صداءَ نشتر | (شاعري) | ناٿن شاهي | ختم ٿيل |
| 18. | شاعري جي پينگھ | (شاعري) | شعيب شاد | 300 روپيه |
| 19. | پري پري گذر نہ ڪر | (شاعري) | فياض بلوچ | ختم ٿيل |
| 20. | سوغات نشتر | (شاعري) | نشتر ناٿن شاهي | 300 روپيه |
| 21. | دراوڙ دادلي | (شاعري) | عين سحر | 300 روپيه |
| 22. | اهو سڀ عشق ئي آهي | (شاعري) | ساحل ميمڻ | ختم ٿيل |
| 23. | گلابن ۾ گذري | (شاعري) | مقبول مارو | ختم ٿيل |
| 24. | سڏي پئي سنڌ | (شاعري) | شعيب شاد | 500 روپيه |
| 25. | درد ميڙي مون رکيا | (شاعري) | صوفي امتياز ٻلال | ختم ٿيل |
| 26. | سچڻ ۽ ساٿيھ | (يادگيريون) | ارڏو اترادي | ختم ٿيل |
| 27. | مرڪون مهڪون ميڙيم | (يادگيريون) | اقبال بلوچ | ختم ٿيل |
| 28. | آديسي اٿي ويا | (خاڪا) | ديدار شام | ختم ٿيل |
| 29. | ڇٽيل گل | (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر مقبول مارو | 250 روپيه |
| 30. | احساس نگر | (ڪهاڻيون) | مرتب: احسان آڪاش | 200 روپيه |
| 31. | سپنن جو پڌر | (ڪهاڻيون) | مرتب: احسان آڪاش | 250 روپيه |
| 32. | ٿيندي ناهي پريت پراڻي | (پريم پتر) | هوش ڀٽي | 350 روپيه |
| 33. | پيچ ڊاهه | (نثراٽا احساس) | احسان آڪاش | ختم ٿيل |
| 34. | سچل جون ڪهاڻيون | (ڪهاڻيون) | آزاد سچل اعواڻ | 250 روپيه |
| 35. | ڏيئا ٻڄجون ڏات جا | (آداب المتعلمين) | حيدر عامُر | 150 روپيه |
| 36. | ٻانهي ٻنڌڻ جن سين | (سوانح عمري بي بي فضا سلام عليها) | حيدر عامُر | ختم ٿيل |
| 37. | جهڙو ناڻُ تهڙي ڏات | (يادگيريون) | ادي نظير قريشي | 500 روپيه |
| 38. | لڙيو سج لڪن ۾ | (مضمون) | ظفر الله ڪوسو | ختم ٿيل |
| 39. | سج ڏانهن اُڏام | (شاعري) | ربڏنو خاصخيلي | ختم ٿيل |
| 40. | جيءُ جياريو جن | (يادگيريون) | مهرالنساء جويو | 150 روپيه |
| 41. | قربان | (شخصيت) | مرتب: ديدار شام | 300 روپيه |
| 42. | جسم فروشي جي تاريخ | (تحقيق) | مترجم: احسان آڪاش | 650 روپيه |
| 43. | ڀڳت سنگھ | (سوانح عمري) | احسان آڪاش | 400 روپيه |
| 44. | سارا شگفتہ | (سوانح عمري) | مترجم: احسان آڪاش | 300 روپيه |

## ايندڙ ڪتاب

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 45. | پيار | (ناول) | ليو ٽالسٽاءِ / احسان آڪاش | 400 روپيه |

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

